# سنڌي ساهتيه ۾
# سنت ڪنوَرام



ڇپائيندڙ:

اَمر شهيد سنت ڪنوَررام مِشن

''شِوَ شانتي، سنت آسُودارام آشرم''

وي. آءِ. پي. روڊ، عالم باغ، لکنو (اُترپرديش)

جناب آمر جليل - قربدصاحب

ٽيڪچند مست

# سنڌي ساهتيہ ۾ سنت ڪنوررام

## 40 ساهتيڪ سيمينار ۾ پڙهيل مقالا

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ پرچار سڀا
301، شِلپا اَپارٽمينٽ، اُلهاس نگر - 421003

مهورت ڪندڙ

سائين موهن لعل سُپتر سوامي چانڊورام جي

مرتب ۽ ديوناگرِي اُلٿو ڪندڙ

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

سهڪار

ٽيڪچند مست

ڊاڪٽر لتا ٺهلياڻي

ڇپائيندڙ

اَمر شهيد سنت ڪنوَررام مِشن
شِوَ شانتي، سنت آسودارام آشرم
وِي. آءِ. پِي. روڊ، عالم باغ، لکنو (اُترپرديش)
فون: 2457573
اِي-ميل: ssaol@silfy.com

## ۴۰ سيمينار جي رپورٽ

# امر شهيد سنت ڪنوررام

-ٽيڪچند مست

١١ مارچ ٢٠٠٥ع صبوح جو سويل، چئين بجي ڪان، پوڄ سنڌي سينٽرل پئنچايت واراڻسيءَ جا بانيڪار هٿن ۾ گلن جا هار کڻي، هر اينڊڙ ٽرين مان لهندڙ ساهتڪارن جو سنمان ڪرڻ لاءِ، اچي اسٽيشن تي حاضر ٿيا. موقعو هئو اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ساهت پرچار سڀا طرفان مندرن جي شهر، پراچين اِتهاسڪ، گنگا نديءَ جي ڪنارن تي وسيل بنارس شهر ۾، امر شهيد سنت ڪنوررام صاحب تي رٿيل سيمينار جو. ٽرين مان هر لهندڙ جو گلن جي هارن سان سواگت ڪندي جئه جهوليلعل جا نعرا هڻندي، موٽرن جي قافلي ۾، سڀني ساهتيڪارن کي جسلوڪ هوٽل ۾ آندو ويو. آرام ديهه ڪمرا، دلپسند ناشتو ۽ اُتي جي شهر واسين جو پيار پائي، سڀني جا ٿڪ دور ٿي ويا. ناشتو ڪرڻ بعد وري ٻه آيل ٥٠ ساهتيڪارن کي الڳ الڳ موٽرن ۾ ويهاري، پئنچايت جا بانيڪار ڪاشيءَ جو درشن ڪرائڻ لاءِ صبح جو ٣٠-١١ نڪتا. ٻڌڌرم جو اِتهاسڪ شهر سارناٿ، انيڪ مندر جا درشن ڪرائيندي ٣٠-١ بجي منجهند جو وري اچي هوٽل پهتا. رسوئي ڪارائي وري ٻه موٽرن جو قافلو برلا مندر، درگا مندر، مانس مندر، سنڪٽ موچن، ڪاشي وشوَ وديالیہ وغيره جو درشن ڪندي، ساهتڪار جسلوڪ هوٽل پهتا، جتي چانهه جي چسڪي چاڙهي، تازهه توانا ٿي ٻڄي وري گهمڻ نڪتا. گنگا ماتا جي آرتيءَ سڀني جي دلين کي موهي ڇڏيو. وشوناٿ مندر ۾ سڀني سيس جهڪائي آسيس ورتي. بنارس جي مشهور ليمن چانهه جو لطف ماڻي، سڀني کي هوٽل ۾ آندو ويو.

سنت شرومڻي سائين چانڊورام صاحب (لکنو) جي آسيس سان، ١٢ مارچ ٢٠٠٥ صبوح جو يارهين بجي جهولي لعل مندر ۾ جهولڻ اگيان سيس نوائي، شاهي شامياني ۾ شاندار اسٽيج تي سنت سائين

سيمينار جي ٽين بيٺڪ ۾ ڊاڪٽر جينو لالواڻيءَ جو لکيل ”سنت ڪنوررام ۽ ڀڳت“ وشيہ تي مقالو هن جي نہ اچڻ سبب شري پدم شرما پيش ڪيو. مقالي ۾ ڀڳت جي ٽيڪنڪ ۽ سنت ڪنوررام جو ڀڳت سان نياهڻ، ڀڳت جي پرمپرا قائم رکڻ لاءِ مڪمل ڄاڻ ڏني. ڪارروائي گورڌن شرما هلائيندي، ڊاڪٽر جينو لالواڻيءَ جي ڄاڻ ڏني. بيٺڪ جي صدارت ڪندڙ شري دوارڪي سنتاڻي پڙهيل پيپر بابت پنهنجا رايا پيش ڪيا.

چوٿين ساهتڪ بيٺڪ ۾ شري سرل گياپرٽي هند ۾ سنت ڪنوررام جا يادگار وشيہ تي پيپر پڙهندي ٻڌايو تہ سنت ڪنوررام جي نالي هندستان جي گهڻن ئي پرانتن ۾ ڪالونيون، اسڪول، ڪاليج، ڌرمشالائون، پيائو ۽ پتلن جي ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو تہ سوَ کان بہ مٿي سنت ڪنوررام لاءِ ڪاريہ ڪندڙ سنستائون، لکنوءَ جي امر شهيد سنت ڪنوررام مشن سان جڙيل آهن. ڪارروائي هلائيندي شري ٽيڪچند مست شري سرل گياپرٽي طرفان ساهت اڪاڊمي، پترڪاري ۽ مشن سان جڙيل ڪاريہ جي ڄاڻ ڏني. صدارت ڪندي سائين موهنلال سيني آيلن تي آسيس جي ورکا ڪئي.

سنت ڪنوررام جي جيون ۽ ڪاريہ جي ڄاڻ، سنستائن، پئنچايتن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ لئبررين ذريعي پرچار ڪرڻ لاءِ سنت شرومڻي سائين موهنلال کي عرض ڪيو ويو تہ سيمينار ۾ پڙهيل مقالا ۽ رپورٽ امر شهيد سنت ڪنوررام مشن طرفان شري سرل گياپرٽي جي سهڪار سان ڇپايا وڃن. سائين موهنلال اِهو عرض قبول ڪندي چيو تہ اِهي مقالا ڇپايا ويندا. شام جو پوج پئنچايت واراڻسيءَ پاران گنگا نديءَ ۾ ٻيڙيءَ جي سئر جو پروگرام رٿيو ويو. گنگا ماتا جي آرتيءَ ۾ شريڪ ڪيو ويو. ٽن ڏينهن جو هيءُ سنت ڪنوررام صاحب تي ٿيل سيمينار حد ڪامياب ويو ۽ يادگار ٿي رهندو.

---

هر سنڌيءَ جي دلين تي راڄ ڪندڙ دلاري، پروپڪاري، سوز ڀريل منڙي آواز جي مالڪ، نسوارت نينهن جي ساگر، ڀڳت ڪنوررام کي سنڌي ساهت ۾ ڪهڙو مُقام حاصل آهي؟ هتي مان ورسين ميلن تي ٿيندڙ پروگرامن، نظم، سائين چاندورام يا ٻين پاران ٿيندڙ پرچار بابت ٻه ڪجهه نه چئي، فقط ساهت سان واسطيدار جاڻ جي اُپٽار ڪندس.

نظم

اِهو هڪ عجب ۾ وجهندڙ سچ آهي ته دنيا جي هرهڪ ٻوليءَ جي ادب جي شروعات شعر سان ٿي آهي، چاڪاڻ ته شاعرِي اندر جي چوهه مان پئدا ٿئي ٿي بيوَس جي-

”اندريون جي اُڇل ڏيندو، ٻاهريون نه سَٽ جهليندو“ مٿل اِن حساب سان ڪنهنجي ساراهه ۾، وڇوڙي جي غم ۾ لکيل رچنائن جو رواجي طرح ساهتڪ معيار ٻه رواجِي سمجهيو ويندو آهي. اُنهن ۾ عالمگيرِي، لازمان، لامڪان واري خوبيءَ جي اُميد گهٽ رکي ويندِي آهي. پر ڪي شخصيتون رچناڪار جي دل دماغ ۾ ايترو ولولو پيدا ڪن جو هوُ واسطيدار شخصيت سان ايڪاڪار ٿي وڃي. سندس قلم خود ٻه خود ڪلڪراني ڪري ته اُهي سنيون ساهتيڪ رچنائون ٻڻجي پونديون آهن. مون ڇنڊڇاڻ ڪندي ڏٺو ته اڄ جي مشهور ساهتيڪارن ڀڳت ڪنوَر تي قلم لڳ ڀڳ نه هلايو آهي، جيتوڻيڪ ڪنهن قوم لاءِ اِها ڳالهه ڏکوئيندڙ ئي چئبي. ڪنوَر جهڙِي شخصيت جيڪڏهن فنڪار کي لوڏي نه ٿي، ته سچ پچ ”اسان مريِ ۽ منجِي ٻه ملهه نه سڃاتو“ کي ساٻيان ڪنداسين. پر اِهو ڏسي فخر ڳاڏڙ خوشي ٿي ته سنڌي ڪويتا جي نئين دور جي بانيِ ڪوِي بيوس ڪنوَر جي شهادت تي ڪرُڻ رس سان ڀرپور ڪويتا لکِي آهي.

قتلام ڪنوَر رام جي ماتام مچايو، آرام ڦٽايو
ڇا سنڌ ۾ ڇا هند ۾ جولان جڳايو، آرام ڦٽايو

٦. رام نام جا اکر کنيائين، ويو ولائت وڻجارو،
سِڪ جا سودا ڪري سوداگر پرينءَ کي پهتو پيارو.

٧. جر وارن جو جان جگر هو سنڌ سچيءَ جو ساهه،
گلن اندر هو گل تہ گلابي تارن ۾ هو ماهه.

سنت ڪنوَر جي جهونيءَ ۾ انيڪ گيت جدا جدا گهٽنائن سان واسطيدار تُلسيو-ر-تلريجا لکيا آهن، جنهنجا پڻ ڪجهہ مثال ڏيڻ ضروري ٿي سمجهيان. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ١١ نومبر ١٩٣٩ درج آهي.

ڪيئن ڪري اُپما سگهي، هيءَ داس تلسي جي زبان،
سنت مالا جو مڻيو، منٺا هو سائين ڪنوَر.

---

هو مــڌر آلاپ تنهنجو ۽ مــنــي واڻي،
پڻ ٻــڌي پــربوڌ تنهنجو ٿيا پٿر پاڻي،
هڪ دفعو موئي سنگت کي موج ڪا تہ وڻاءِ.

---

ادا جي لال ٿا گهر ۾ املهہ اولاد جـا چمڪن،
سچو ئي تهہ لڳي تلسيا دنيا ۽ مان جو آنند.

---

سائين سترام جي سرڳواس ٿيڻ تي لکي ٿو-

ڦهرِي ڪال اچانڪ آيو ڪٽي سنت بہ سيس نوايو،
ويو پنهنجو پاڻ سمائي ڪين ٻڌائي،
سهڻو شير ڀڳت جنگ جاني، جنهنجو مٽ نہ ٻيو ڪو ثاني،
اهڙو ڪير بلند ٻيو ڳائي ساز ملائي.

تلسيي جيونيءَ ۾ ١٣ گيت رچيا آهن، ڪويتا جو اپياس اٿس، چند جي جاڻ اٿس. گهايل وانگر تُلسيو بہ ڪنوَر ۾ ايترو ايڪاڪار هو جو ڪوشش ڪري ها تہ مهاڪاويہ لکڻ ۾ بہ ڪامياب وڃي ها.

## آرتي

اوم جئہ ڪنوَر رام پيارا، سوامي جئہ ڪنوَر رام پيارا،
نس دِن توکي ڏيايون پل پل درشن پايون شڌ هردي وارا. اوم....
ڪنوَر ڪرشن جو روپ ھُئين تون ڀڳتن جو پيارا،
پريم جي مرلي ڪير ٻڌائيندو ڀڪين جا سهارا. اوم....

ظاهر آهي مٿين گيتن جو ساهتيڪ معيار ايترو تلسيٰ بخش نہ هوندو، پر ساز ۽ آواز سان ٻڌندڙن جي من جي سڪ ۽ شرڌا ماحول کي ڪنوَر مئہ بڻائي ڇڏيندا آهن.

ڪنوَر جو راتيون ڪنهن ڪان ڳجهيون آهن؟ برابر اڄ جي ٿهيءَ کي اِهي ٻُڌڻ لاءِ نٿيون ملن، نہ چاهہ اٿن، پر مان اُنهن ڀاڳ وارن مان آهيان، جنهن راتيون ٻُڌِي ماٿي روئي، سنت تي شرڌا جا گل چاڙهيا آهن. ڪجهہ مثال سنت پهلاج جي رچنا مان-

## راتيون

۱. پهرين رات پرڀات جو، هليو ريل چڙهي راٺو،
رهڙڪي ڇڏي مانجهاندن ۾، لٿو سوڊِل سياٺو،
۲. ٻيءَ رات ڀهڪندو جو، اُٿيو هوت هينئين جو نار،
ڇير ٻڌائين پير ۾، پائي جامو زريدار،
پيلي پڳڙِي مٿي تي، وار سهڻا گهنڊيدار،
ڪرشن وانگر ڪنن ۾، هيا ڪنڊل ڪيمياندار.
۳. ٽينءَ رات جو ٽائيم سان، ڪئي سانوَل تياري،
سيا لڳي لکن جي، آئي ڪنوَر جي وارِي.
۴. چوٿين رات چاهہ مان، مُرڪيا ماٺهن جا هشام،
ڇِم ڇِم پائي ڇير سان، ڪڍيو سُر منو ستنام.
۵. پنجين رات پنگت سان، سنت دادوءَ ۾ آيو،
ملي سيني صبح جو پرڀاتي ڳايو،

به ساراهه جون سُرڪيون پريون آهن. هن ۾ ٻارهن باب آهن- اول ١. (اَ) ارپڻ (ب) نويدن (ث) وندن ٢. ٻچپن ۽ جواني ٣. گرو ڀڳتي ۴. ڪنور ڪلاونت ۵. لوڪ گائڪ ٦. پرمارٿي ٧. داسن جو داس ٨. ايڪتا جو حامي ٩. شاهي سنستا ١٠. لاکيٽو لال ١١. ڀهتل شخص ١٢. امر شهيد.

گهايل صاحب مهاڪاويه جون جيڪي ١٠ خصوصيتون ٻڌايون آهن، سي هن ۾ موجود آهن، جيئن-

(١) ڀڳت ڪنور جهڙي مهان هستيءَ جي جيون جو مُڪمل چِٽ.

(٢) هر باب جي شروعات ديوِي ديوتا يا ڪوتا مهما سان آهي.

(٣) نائڪ اوچ گهراڻو گڻوان ۽ تواريخي شخص آهي.

(۴) گهٽ ۾ گهٽ اٺ سرگ هجن، هن ۾ ١٢ آهن.

(۵) هڪ مقرر ڇند هجي. ٻين ڇندن جو به سندر اِستعمال هجي.

(٦) هر سرگ ۾ اُستتيءَ بعد حاصل مطلب نڪري ٿو.

(٧) وير سينگار ۽ شانت رس حاصل ٿين ٿا.

(٨) ڀڇاڙيءَ جي سٽن ۾ ايندڙ باب جي موضوع جي ڄاڻ پوي ٿي.

(٩) قدرتي نظارن جو ذڪر آهي.

(١٠) گيتن جو سپاويڪ اِستعمال آهي.

## وندن

جامو ڇير ڪُنڊل پائي، ڪيئن ڪنوَر ڏس پيو ڳائي
مصريءَ ڪان وڌ منڙو سُر، صاحب جو نت مڃي شُڪر
جا به ڀڳت مان رقم ڪمائي، اُنهيءَ گهڙيءَ سا دان ڏئي
جهولي خالي ڪري اُٿي، اهڙو ناهي مثال ڪٿي.

- - -

قدرتي دلڪش ماحول ۾ ضلع سکر ڳوٺ جرواڙ ۾،
ٻار جو جنم وڏو ڪرشمو، پنا لاءِ هو خوشيءَ جو سمو.

- - -

كنوَر تہ هو هڪ زنده سنستا
ڇا سندس ڪمن جي ڪجي ڪٿا
مڏر ڪنت جو هو مالڪ مگر ڏٽيءَ در هو سالڪ.

---

سچيءَ سنڌ ۾ جو ماتم ٿيو اُنجو مثال ڪونهي ڪو ٻيو،
ٻار ٻڍا سڀ نر ۽ ناريون، رُنا درد مان زارون زارون.

---

امر شهيد هئو ڪنوَررام ميلا جنهن تي لڳن ٿا جام،
ٿل ٿورو ڪجهہ ڪٿي ڪنوَر مان پار پئون پڪ جڳت پنور مان.

مٿين مثالن مان توهان بخوبي اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ روپ ڪمار گهايل هي مهاڪاويہ رچي نہ رڳو ڪنوررام کي سچي شرڌانجلي ڏني آهي، پر سنڌي ساهتيہ ۾ بہ هڪ طرف مهاڪاويہ صنف سلامت رکڻ جو اُدم ڪيو آهي. ٻئي طرف سنڌيت قائم رکڻ جو فرض نڀائي ماتر ڀاشا جو قرض چڪايو اٿس. مان نہ سنيران تہ ڪنهن ٻئي ڪويءَ مهاڪاويہ تہ ڇڏيو ڪو کنڊ ڪاويہ ئي لکيو هجي. ضرورت آهي هنڪي نرتيہ ناٽڪا جو روپ ڏيئي منچ تي پيش ڪري عوام ۾ مقبول ڪرڻ جي. گوورڌن ڀارتي سرگرم هجي ها تہ اُهو اُدم اوس ڪري ها. ٿل منهنجو هي سڏ پڙاڏو بڻجي ڪلاڪارن تائين پهچي. سنت ڪنوَررام کي نئين نهيءَ تائين بہ پهچائي ۽ پيارو بڻائي.

ناٽڪ چپيل نظر نہ آيو البت فلم ضرور ٺهي آهي. ڪي. ٽي. اين. ٽي بہ آيل آهي.

جيونيِ -

جدا جدا شهرن جي سمارڪائن، ساليانن رسالن، اخبارن ۾ ڪنوَر جي مختصر جيونيِ ڇپبي رهي آهي. اها بہ عوام جي ڄاڻ ۽ پرچار لاءِ نهايت ضروريِ آهي. پر سچ پچ جيونيِ لکڻ ڪو ٻاراڻو مضمون لکڻ ڪونهي پر تمام اهم ڪلا آهي.

جي انوکي شخصيت ۾ جيڪي رنگ ترنگ واس ڏوپ آهن، سي نکري نروار ٿين. جيوني هڪ عمدي باغ مثل ٿي پوي، جنهنجي ترتيب وار پوکيل ٻوٽن ۾ پانت پانت جا گل ٽڙن، پن جهلن، ڦوهارا نچن، ساوڪون ٻهڪن، پکي لنوَن، جوان ڪلن ۽ ٻيا وشرام وٺن، پلي پلائي ٻه اِهو سندر باغ پشو شالا نه بڻجي.“

مٿيون خوبيون رواجي جيونين ۾ نظر اچڻ جو سوال ئي ڪونهي.

پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ”سنڌ ۽ سنڌي“ ڪتاب جي آخرين باب ۾ ڀائي ڪنوَررام جي ڀڳت تي مضمون لکيو آهي، جيڪو آگسٽ ۱۹۴۶ ۾ سنڌ ۾ ڇپيو. اُن ۾ ڀڳت جي جهلڪ ئي آهي، پيشڪش وڻندڙ آهي. دوارڪاداس سنتاڻيءَ جي سنڌو سنسڪرتيءَ جي سڱنڌ ۾ ”ڪنوَررام جيئڻ مون ڏٺو“ سِري سان مضمون ۾ شهيديءَ واري گهٽنا سان مضمون شروع ڪيل آهي ۽ ڪنوَر جي تاج بادشاهه، ايڪتا جو علمبردار، عوامي ڀڳت وغيره گڻن جو ذڪر ڪيو اٿس. پر جيڪي سچايون اکين ڏٺيون ڳالهيون سنتاڻيءَ لکيون آهن، سي سچ پچ جوڳو ڌيان ڇڪائين ٿيون. انن صفحن جو هي مضمون جيوني ساهتيه ۾ اِضافو آهي.

ڪجهه ڪتابن بابت ڄاڻ اٿم پر اُهي مونکي باوجود گهڻي ڪوشش جي ملي نه سگهيا، بيشڪ اُهي جيوني ساهت ۾ اِضافو آهن.

(۱) جنم ساکي سنت ڪنوَررام صاحب جي - (تيار ڪيل: اُتمچند شاستري)

(۲) امر شهيد سنت ڪنوَررام - (پرنسيپال ڪنعيالعل تلريجا)

(۳) سنڌ جون يادگيريون (گلاب گدواڻي)

(۴) امر شهيد ڀڳت ڪنوَررام صاحب جو جيوَن چرتر (ليکڪ چيتانند لعلواڻي)

ڊاڪٽر جيتي لعلواڻيءَ جي سنڌي ڀڳت شيلي نالي ڪتاب ۾ ڪوجناتمڪ ڄاڻ عام فهم ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي. وري ڪتاب هنديءَ ۾

پر سڀ کان اهم ۾ جيوني ڪلا جو شاندار مثال آهي تيرٿ وسنت جو لکيل ’ڪنوَر‘ پسنڪ جو ٥٦-٥٧ ۾ ڇپيو جنهن لاءِ لعل سنگهه اجواڻيءَ سهڻو مُهاڳ لکيو آهي، جنهنکي ساهتيه اڪادميءَ جو پهريون آبرودار اِنعام عطا ٿيو ۽ جنهنجو ديوناگري الٿو ڪري ڊاڪٽر موهن لعل شرما ١٩٩٦ ۾ دهلي سنڌي اڪادميءَ جي مالي امداد سان ڇپارايو. ١٨٢ صفحن جي هن ڪتاب ۾ جيوني ڪلا ۾ مٿي بيان ڪيل سموريون خوبيون موجود آهن. پستڪ جدا جدا ١٤ بابن ۾ ورهايل سهڻي عبارت، وٽندڙ پيشڪش سلوڪن ۽ ڪلامن سان سجايل آهي، جو سچي جو سچو هر سنڌيءَ کي پڙهڻ ۽ سانڍڻ جڳائي. ليکڪ خود اِها دعوي ڪئي آهي ته پوءِ جيڪي به چوپڙيون ڇپيون، سي سندس ڪتاب جي آڌار تي. لکي ٿو-

”هاڻي ٻڌو سوريتي سور، توهين به لاشڪ سورن واريون آهيو. گرڀ ٿيو اَٿوَ يا نه، سو پاڻ کان پڇو. آئون ته سدائين گرڀوتي آهيان. گرڇ ٻار ڪو ورلي جمي ۽ جي جمي ٿو ته اُن کي جهول ۾ وجهو گهمان. چاڪاڻ ته لوڪن کي پنهنجا ئي گهڻا آهن، جنهنڪري منهنجي ٻار کي پُڇڪارڻ جي ضرورت ئي ڪانه اٿس. پر هڪ دفعي اهڙو سهڻو سُلڇڻو پٽ ڄڻيم جو الاجي ڪيئن ماڻهن کي وڻي ويو. ڏنم ته هرڪو پيو چُميس، ڇنڊيس، بلڪ منهنجي موڪل بنا پنهنجي گود ۾ کنيو گهمائيس. اهو نورچشم هو ڪنوَر، جنهن تي مضمون سندس شهادت کان به ٿي مهنا پوءِ لکيو هوم ۽ سنڌو ۾ شايع ڪيو هوم. تنهن پڇاڻا اڻ ڳڻيون چوپڙيون نڪتيون آهن، جن ۾ ڪن انهيءَ ٻچي کي ڳيا ڳيا ڪري پنهنجو ٻوڙ تيار ڪيو آهي ته ڪن اُن کي ڪاڙهي شوروو ٺاهيو آهي. عجب ناهي جو اهي دم پخت ۽ شوروو مونکي پاڻ ۽ نه پوندا هجن، پلا ماءُ ڪيئن پنهنجي ٻچي جو پچڻ ڪامڻ سهي سگهندي. آئون ڪا ماٽيلي ماءُ ڪانه هئيمانس، جو چوان ماريو مٺو پلو آهي.“ ١٤ باب آهن- ١. پرڪاشڪ ٢. مُهاڳ ٣. جنم ساکي ٤. سوامي سترامداس ٥.

جي قابليت ١٠. ميلن جو مور ڪنور ١١. پائي پيشورام جو وواهه ١٢. ٻليدان ١٣. ڀڳتي ۽ ايڪتا ١٤. تياڳ ١٥. سادگي ١٦. اُدارتا ١٧. ڪميا.

لڳي ٿو تيرٿ کي هيءَ جيوني هٿ نه لڳي آ نه ته ذڪر اوس ڪري ها. فوٽن سان گڏ هن ۾ خود ئي ليکڪ پنهنجا گيت به لکيا آهن ۽ ٻيا مثال به جهجها ڏنا اٿس. ڪن پئرائن جي ساڳي ڀاشا عجب ۾ وجهي ٿي. صفحه ٨-٩.

ٻوليءَ ۾ ساهتيڪ هڳاءُ آهي، رواني آهي، شيريني آهي پر سڀ کان وڏي خوبي جا نظر آئي، سا اِها ته ڪنور جي نه رڳو گڻن پر مڪمل شخصيت جو چٽ به چٽيو ويو آهي، جا ڳالهه عوام لاءِ پريرڻادائي بڻجي ٿي. جيئن ڪنور جو ٻي شادي ڪرڻ، ماس کائڻ، شراب پيئڻ بابت اثرائتي نموني لکڻ ۾ ليکڪ بيشڪ ڪامياب ويو آهي. شراب واري گهٽنا جو ذڪر ڪرڻ بعد لکي ٿو: ڪيئن به هجي ليکڪ ڌرم جي انگن جي اُپٽار ڪرڻ لاءِ ۽ اُنهن جي هيٺ مٿاهينءَ لاءِ قلم کي هٿ ۾ ڪنيو ڪونهي. هنجو پريوجن آهي ڪنور جي جيون جي مکيه واقعن جو ورڻن ڪرڻ.

رهڙڪيءَ صاحب ۾ ڏوڙئي جو ميلو جن اکئين ڏٺو هوندو، تن کي خبر هوندي. رنگين پاڻيءَ سان ڀريل پچڪارين جي پيئي مٿس اوت ٿيندي هئي. ڪمل اوڏي مهل ٿيندو هو ڪرشن ۽ ٻيا ڀڳت ٻالڪا سکيون جهڙا انيڪ ذڪر لائق مثال جيونيءَ ۾ آهن.

مُسلم عالم-

اسان لاءِ اِها واڌو فخر جي ڳالهه آهي جو ڪنور تي هندن ئي نه مسلم عالمن به قلم هلايو آهي. سنڌ جو بزرگ عالم علي احمد بروهي لکي ٿو:

”مون نه ٻيجل ٻڌو نه راءِ ڏياچ ڏٺو پر مون هڪ لکن جو رانجهو ضرور ڏٺو ۽ ٻڌو. سُريلو به هو ته رس ڀريو به هو. سخي به اهڙو، جو ڏيئي

وياڪل ڪندڙ آواز منهنجي ننڊ چورائي ڇڏي. اوير مان اوير جي درويش جي آلاپ 'نالي الک جي' تي چڪور مثل چنڊ ڏانهن ڇڪبو وڃي اُتي پهتس. پورڻماسيءَ جي رات چوليون سارينڊڙ سمنڊ مثل ماڻهو مستانا بڻجي ڪيس ٻڌي رهيا هئا. گئوشالا جي چوڌاري مسلمانن جا گهر هئا. گهرن جي چوٽ تي پردو ڪندڙ مسلم زالن جا جهنڊ ۽ ٻارن جي فوج ننڊ کي الوداع چئي روحاني رس حاصل ڪرڻ لاءِ وياڪل هئا.

ظاهر آهي ڪنور جي ڪلا تي هندو مسلم ٻئي فِدا هئا. اجا تہ مونکي اُتان جو ايترو ادبي سرمايو حاصل نہ ٿي سگهيو آهي. جيڪو هٿ لڳو، اُن مان چونڊ ٽڪڙا پيش ڪيا اٿم.

هت انگريزيءَ ۾ لکيل جيونين جي بہ اُپٽار نٿي ڪريان. باقي هڪ خواهش هئي ڪنور جي جيون تي تيار ٿيل ٽيلي اِسڪرپٽ هٿ لڳي ليڪن باوجود ڪوشش جي نہ اِسڪرپ نٿي ويڊيو ڪئسيٽ ملي جو ڪجھ لکي سگهان.

آخر ۾ اِهوئي تہ ڪنوَر جهڙي شخص تي گهٽ لکيو ويو آهي پر معياريءَ ۽ اثرائتو. هاڻي جيئن سائين چانڊورام هي ڪم مشن روپ ۾ ڪنيو آهي، سو اُميد ڪجي ٿي تہ ساهتيہ ۾ نئون سرجڻ بہ ٿيندو ناٽڪ منڊليون ناٽڪ ڪنديون، ڊئريڪٽر پروڊيوسر نئين سر فلم نرماڻ ڪندا. انهن شي ڪامنائن سان مان پنهنجي جڳھ وٺان ٿي.

جئہ سنتون ڪي. جئہ سنت ڪنوررام جي.

-ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي
اي-۴، نهرو نگر، سومل پور روڊ،
سائين بابا مندر پرسان، اجمير- ۳۰۵۰۰۳
فون: ۲۶۹۱۳۲۶
موبائيل: ۹۴۱۴۲۲۰۳۷۰

پکت لفظ جي معنيٰ ”پچ“ يعني پوڄا آهي. ”پکت“ وجهندڙ شخص کي پکت يعني پوڄاري پڻ سڏيو ويندو آهي پر هتي اسانجو واسطو پکت ”پکت باز“ يعني خاص انداز سان نقل ۽ نغما ڳائيندڙن سان آهي. سنڌي پکت شڌ سنڌي انداز آهي، جنهن کي پنهنجي علحدي سڃاڻپ ۽ نرالپ آهي.

پکت جا مکيه تنتو هن ريت آهن-

ڀ : ڀاوَن جو اِظهار، جدا جدا شاريرڪ ڪِريائن، چهري جي حاون ڀاون، مدرائن جي اِظهار دواران آنند منورنجن جي محسوسات ڪرائڻ.

ڳ: گيتن جي گائڪيءَ جي هڪ خاص شئلي سنڌي لوڪ گيتن، لوڪ ڪٿائن کي ڀاوَ پرڌان بڻائڻ جو انداز، اُتساهه، رچناتمڪ ڀاوَن جي اِظهار دواران هڪ نئين آنند سرشٽي رچڻ.

ت: تال جنهن ۾ لوڪ نرتيه، لوڪ سنگيت ۽ لوڪ ساز شامل آهن.

يعني ته پکت سنڌي فن جو اعليٰ نمونو هڪ ستسنگ، راڳ جي محفل، پريوءَ جي اُپاسنا، روح جي راحت، سڏارو وادِي ڀاونا ۽ وندر جو بهترين وسيلو آهي، جيڪا اسانجي اعليٰ ترين تهذيب جا درشن ڪرائي ٿي ۽ ايامن کان وٺي سنڌ واسين، سنڌ جي دلين کي باغ بهار بڻائيندي پئي رهي آهي.

هن ليک جو واسطو ’پکت‘ جا آهي سان گڏ امر شهيد سنت ڪنوَررام صاحبن جي پکت پرمپرا سان پڻ آهي.

اِئين ته سنڌ هند ۾ انيڪ لوڪ پريه، ماهر پکت ٿي گذريا آهن پر پکتن جو سرتاج، امر شهيد سائين ڪنوَررام صاحب جن هئا. سنڌي پکت يعني سائين پکت ڪنوَررام صاحب. سائين ڪنوَررام صاحب سنڌي قوم ۽ سنڌي تهذيب جو هڪ روشن منار رهيا.

ڪنوَررام جي ڀڳت واري هنڌ- جڳهہ ڏانهن ويندو هو. ماڻهو وٽن، ڪڏن، جدا جدا واهڻن جي مٿان ويهي ڀڳت ٻڌڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا.

اِئين تہ فنڪار ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا ميراثي ۽ ٻيا عطائي. ميراثي اُهي آهن، جن جا وڏا خانداني فنڪار هوندا آهن. عطائي اُهي، جن کي رٻ پاڪ کي فن عطا ٿيو آهي. سائين ڪنوَر ڏات ڏٽي هئا. ڏات ۽ ڏانوَ جي آڌار تي هوُ اڳتي ۽ اڳتي وڌندا رهيا. ننڍپڻ کان ئي ڪنوَر کي ڳائڻ جو شونق هو. پر روحاني امانت سائين سترامداس جيڪا پنهنجي پتا سائين ڪوتارام وٽان حاصل ڪئي، سا ڪنوَر جي حوالي ڪئي.

سنت ڪوتارام جن کي پتافن جي دربار ۾ سنت تنسڪرام پنهنجن هٿن سان چير جامو ڏيئي ڀڳت ٻڌايو. پنهنجا سازيندڙ ڏنا ۽ ڀڳت ٽولي ٺاهي. سنت ڪوتارام اُها ڏات پنهنجي ننڍي پٽ ستارامداس کي ڏني، جيڪي رهڙڪيءَ ۾ ڀڳت چونڪي ڪندا هئا. پتا سان گڏ ڀڳتن تي ويندا هئا، ڀڳت وڄهندا هئا، مني، من موهيندڙ ۽ بلند آواز ۾ ڳائيندا هئا. ساڳئي نموني سائين سترامداس ننڍي ڪنور کي پاڻ سان گڏ ڀڳتن ۾ وٺي ويندا هئا. سائين ڪنوَر ننڍي هوندي ئي قلات، ٺل، رهڙڪي، مائي سيوڙيءَ جي ڳوٺ، قاسم جي ڳوٺ ۽ ٻين هنڌ سائين سترامداس سان ڀڳتن ۾ شامل ٿيو ۽ ڳاين جي سکيا حاصل ڪئي. جڏهن سائين سترامداس جو آخرين وقت آيو، تڏهن هن ڪنوَر کي سڏي، چير جامون ڏيندي چيو، ”ٻچا ڪنوَر، هيءَ چير، جامون ۽ پڳ وٺ. اسان توکي پنهنجي امانت ڏيون ٿا، قابو رکجانءِ.“

۽ سازيندڙن کي گهرائي چيو هئائين: ”ڪنوَر اسانجي روحاني امانت اٿوَ. اُن کي ساٿ ڏجو ۽ اُن کي سنڀالجو.“

سائين سترامداس پنهنجي ٽوليءَ جا ٻولڙيا، سازيندڙ، سنگيتڪار، سارنگيا، ڍوڪڙي، ڍولڪيا، ربابي ڏنا. جن ڪنوَر سان ڀڳتن ۾ سنگ ڪيو.

سائين کي تي هٿ رکي چوندو هو:

”ڏڏ تي ڏان گهريم، تون چڱ وڄا وڄائي
سڀ رات سنباها تازي تولائي
جو ڄاڻي نہ ڳائي، تنهن سان ٻيلي ڏٺيءَ ٻاجهہ ڪئي.“
”آءَ ڪانگا ڪر ڳالهہ مونکي تن ماروئڙن جي
ماروئڙن جي سانگيئڙي جي، آءَ ڪانگا ڪر ڳالهہ.“

”رام سِمر پرڀات ميري من“، ”ڪئن ريجهايان توکي ڪئن پرچايان“، ”نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو“ وغيره اڄ بہ چِت کي چوري، مستيءَ ۾ ٻوڙي، هردي ۾ ڦرڻ پيا ٿا. ڪنن ۾ ڪنڊل، مٿي تي پيلي پڳڙي، هٿ ۾ لڪڙي کڻي ڪري ڪرشن جو ڀڄن ”گئيان چريندا ڪان“ جڏهن ڳائيندا هئا، ڳانين کي هڪل ڏيندا هئا، تڏهن ساکيات ڪرشن روپ جو درشن ٿيندو هو. ڀڄن جا ٻول آهن:

گئيان چريندا ڪان بن بن ۾
هڪل هور ها ها، ڪئہ ڪئہ ڪئہ
چلو گئيان چريندا ڪان، بن بن ۾
ڪان بجائي بنسي ڌُن ڌُن ۾
چلو ري گئيان گهر ڪو، گهر ڪو، گهر ڪو
دم دم ۾، گئيان چريندا ڪان.... (راڳ پهاڙِي)

ڀڳوان ڪرشن جي اُستتيءَ ۾ ڳائيندا هئا:

”برنداون واري راس رچائي، مڌر بنسي وڄائي،
پرتهہ سمي موهن مئيا سي، هس ڪر ماکن مانگت هئہ
جهپٽ داءِ پٽ لي، ڪرل ڪر، مُک سي مُرلي بجاوت هئہ.“

يا ڳائيندا :

ڪانگا ڏجانءِ ڪرشن کي پيغام ويندي ويندي،
بک ۾ مرن ٿيون ڳانيون، گهنشام ويندي ويندي. (راڳ پرڀاتي)

آسا، تلنگ، دين، سورٺي، ملهار، سارنگ، ڀيروي، سورٺ، لهٽي، مارو وغيره پيش ڪيا.

مارو راڳ اڪثر موت وقت ڳائبو آهي. مانجهندن ۾ جڏهن ڪنور مارو ڳاتو، تڏهن هن کان پڇيو ويو ته ”سائين، توهان مارو ڇوتا ڳايو؟“ تڏهن هن جواب ڏنو، ”منش کي موت جو ڊپ نه ڪرڻ گهرجي، هن کي موت لاءِ هردم تيار رهڻ گهرجي. مرڻ ۾ ڪوبه مهڻو ڪونهي.“

ڪنور سنڌيءَ سان گڏ پنجابي ۽ سرائڪيءَ ۾ به ڳاتو. ڇاڪاڻ ته هو پنجاب ۽ سنڌ جي سرحدي علائقن ۾ ڀڳت وجهڻ ويندا هئا. هنن جي ڀڳتين ۾ سنڌ جي هندو مسلمان، ملتاني پنجابي وغيره حاضر رهندا هئا ۽ اُنهن کي ڏيان ۾ رکي ڪنور ڪلام، ڀڄن، لوليون ڳائيندا هئا. سائين سترامداس سان گڏ جڏهن ڪنوررام ڀڳت وجهڻ ويندا هئا، تڏهن ڀڳت جي مهڙ ۾ بيهندو هو سائين سترامداس ۽ پاند ۾ بيهندو هو سائين ڪنوررام. سائين ڪنور سترامداس جي ڏوهيڙن جو جواب ڏوهيڙن ۾، سلوڪن جو جواب سلوڪن ۾ ڏيندو هو. سُر سان سُر ملائيندو هو. راڳ جي آڪاش ۾ ٻنهي ڀڳتين، گرو-چيلي جا آواز ٽڪرجي من موهيندڙ پڙاڏو پيدا ڪندا هئا. ڪنور تصوف، ويدانت سان گڏ ڪلام، ڪافيون، غزل، ڏوهيڙا مڌرتا ۽ ميناج سان ڳاتا.

ڪنور ڀڳتن دواران مذهب، ذات پات، ڀاڻا ڀيد کي دور ڪرڻ جو سنديش ڏنو. ٻڌجي ٿو ته ڏهرڪيءَ ۾ هڪ دفعي سائين ڪنور جي هم-وقتي ڀڳت ڀائي منگهررام جيڪو سنڌ جو ڪافي لوڪپريه ڀڳت هو، هن کي پنهنجي ڪلا تي ڪافي ناز هو، اُهو ڀريات ويلي هڪ پاسي ڀڳت وجهي رهيو هو، ٻئي پاسي سائين ڪنوررام چير جو جامو پائي بينا هئا. ٻنهي جي آلاپ ۾ سوز، مڌرتا ۽ ميناج هو. غميءَ جو موقعو هو، ٻنهي دردي سوز مان مارو ڳايو. ٻڌندڙن جي اکين ۾ آب هو. ڀڳت منگهررام مستيءَ سان ڳائي رهيو هو. سائين ڪنوررام نمرتا ۽ نماڻائيءَ

ڪنوَر جو آواز آتما کي پوتر ڪري ڇڏيندو ھو. جڏھن ھو جوڳ، ڪوھياري راڳُو، پرڀاتي ڳائيندو ھو.

ڪنوَر جي ڀڳت جي شروعات راڳ ڪلياڻ يا راڳ مال ڪنس "تم ٺاڪر تم پئي ارداس" سان شروع ٿيندي ھئي، بعد ۾ ٻيا راڳ ۽ راڳڻيون پيش ٿينديون ھيون.

سائين ڪنوَررام راڳ حسيني ۽ راڳ مارو ڳائڻ جا ماھر ھئا.

ڪنوَر جا فيلسوفاڻا خيال، ٻولي ٻھوڳڻي، سرل، سادي سوُدي پر مٺي، دل اُٺاريندڙ، قرب سان ڀريل، سچ جي پريرڻا ڏيندڙ، نڊر بڻائيندڙ، نا-اِنصافيءَ اڳيان سِر نہ جھڪائڻ ۽ ڪوڙ، اتياچار جو بھادريءَ سان مقابلو ڪندڙ، قدرت لاءِ پريم جو اِظھار ڪندڙ ھوندي ھئي.

امر شھيد ڀڳت ڪنوَررام صاحب ھٿ جوڙي، پلئہ پائي آراڌنا ڪندا ھئا:

"او منھنجا مالڪ، ھندو مسلم جو خئر ڪج،
اڙين-اڏينن جو اجھو ٿج."

ھندن کان چوائيندو ھو "ھري رام" ۽ مسلمانن کي چوندو ھو قرب سان قلمو پڙھو ۽ شروع ڪندو ھو "نالي الک جي ٻيڙو تار منھنجو."

ڪنوَررام ڀڳت ۾ جيڪي جھوليون ڪيون، جيڪي ڪجھہ ھنن کي اُنھن ۾، ڀڳتن ۾ مليو، اُھو اُتي جو اُتي لولن، لنگڙن، فقيرن، ڳ ٻرجائن کي ورھائي ڏيندو ھو. ڪاري ڪوڏِي بہ گھر ڪڻي نہ ويندو ھو. ھن کي جيڪو بہ بتاءُ، گھور، ٻول ملندِي ھئي، اُن مان سماجڪ ڪاريہ ڪندا ھئا. گھر ۽ ڪٽنب جي آجيوڪا لاءِ پاڻ محنت ۽ پورھئي جي ڪمائي ڪندا ھئا.

# تون چپر تون چانءِ

## جيوَن درشن

-وينا شرنگي

سُر سنگيت جو سرتاج اِنسانيت جي آستا جو ناءُ آهي ڀڳت ڪنوررام هيٺن جو همراهہ، بيواهن جو واهہ. پريم پائيچاري جو علمبردار، ڏٽيءَ جو سچو پانڌيئڙو ڪرم يوگي شرِي ڪرشن جي گيتا ۾ ڏيکاريل ڪرم جي راهہ تي ڪرم ڪندي جيون گهاريو شريمد ڀڳوت گيتا جي اڏياءَ ٻئين ۾ ايڪونجاهين شلوڪ ۾ ڪرم تي روشني وڌِي ويئي آهي-

”جي گياني پُرش ڪرم جو ڦل ڇڏي ڪرم ڪن ٿا، اُهي جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇُٽي دک رهت پد کي پراپت ٿيندا.“

درويش فقير ڪنوَر ڪڏهن بہ ڦل جي چنتا نہ ڪئي، ڪرم ڪري مرڻ جي چڪر کان مُڪت ٿي امرتا حاصل ڪئي، ننڊ کي تلانجلي ڏيئي هٽ هاج ۾ پير پنڌ ڪري ڳوٺ ڳوٺ شهر شهر اِهائي سدا بلند ڪئي- وڻجارو ٿي جڳ ۾ آيو آهين، هيءُ شرير ناشوان آهي، سُتا اُٿي جاڳ. يہ ڏٽيءَ فرمايو آهي-

اي ڪم ڪميٽين، جي سُمهن پير ڊگها ڪري (شاهه)
ڏينهن رات آنڌي مانجهي اِهائي وائي وات-

آئو پريتم موهنا پلڪ موند توهي لون،
نا مئن ديکون اور ڪوءِ نا توهي ديکن دون.

پنهنجي نيٽن ۾ پرميشور کي سمائي رکيو جنهن سچ جي پارکو نظر درويش ڪنوَر کي دنيا جي سچ سان مُنهن مقابل ڪيو. سنڌ جي پوتر پومي جروارن جي ڳوٺ ۾ ١٣ اپريل ١٨٨٥ع ۾ بالڪ ڪنوَر جو جنم ٿيو، ماتا تيرٿ ٻائي پتا تاراچند ڏنيہ آهن، جنهن جي گهر لاڪيٽي

صلاح ڏيندا هئا تہ نوڙت نياز ۽ نهٺائيءَ جي مالا ڦيرڻ واري جاپ جا وچن وٺو.

جان جان پسين پاڻ، تان تان ناهہ سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبر ڇئو. (شاهہ)

نفاق وير ويڇا حقارت کي دفن ڪري پنهنجو وجود وڃائي جهولي ڦهلائي دين دکين جا ڏک دور ڪرڻ ئي سندن عبادت هئي. دغا، دولاب، تعصب، نفرت مٿان پريم ۽ ڀائيچاري شيوا ڀاونا جي هٿيار سان انهن وڪارن تي سوڀ پاتي، غريبن جي روپ ۾ پرماتما کي پسيو، پنهنجي ذات، صفت ۽ انا کي دفن ڪري سڄي سماج جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ کي ارپڻ ڪري ڇڏيو. جيستائين هيءَ ڪائنات موجود آهي، تيستائين ڪنوَر جو نانءُ سچ جي علامت بڻيل رهندو. پنهنجي وجود کي وڃائي اُن رُتبي کي پاتو. دادا هوتچند آڏواڻي شرڌا جا گل ارپڻ ڪندي چون ٿا-

”سندس ڀڳت ڀڳتيءَ سان ڀرپور رهندي هئي، بيشڪ هوُ سنڌ جي سنتن جو سرتاج هو.“

پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪجهہ هن طرح اِظهار ڪيو آهي-
”ڪنوَر اڻ پڙهيل هو، پر حقيقت ۾ هوُ عالمن جو عالم هو.“

ٻال اوستا- ڪنوَر جي ٻال اوستا جي جيوَن تي نظر ڪنداسين تہ ڪئين سچايون سندن آدرشي جيوَن جون ساک ڀرين ٿيون. شانت سڀاءُ، معصوم مرڪندڙ چهري تي نور، اکين ۾ چمڪ، ونڊي ڪاٺجي سک پاٺجي. جن ٻالک ڪنوَر کي ڏٺو تن جو چوڻ هو تہ جيڪي ڪاٺڻ لاءِ کين ٽول ملندا هئا، سي جهرڪين ۽ ڪوِلين اڳيان اُڇلائي ڇڏيندا هئا. روٽيءَ ٽڪر جا ننڍڙا ننڍڙا گره ڪانوَن کي کارائي خوش ٿيندا هئا. ننڍڙو ڪنوَر ايترو تہ رحمدل هو جو سندس پتا کي ننڍڙو دڪان هو ۽ ٻني ٻاري جو ٽڪرُ. ٻالڪ ڪنوَر کي سندس پتا تيار ٿيل فصل کي

سي ڪيئن پرين پسن ڪنڌ جن اکين ۾. (شاهه)

ڪنوَر کي تہ پرين پسڻو هو، اِنڪري ذات پات جي ويڇي ۽ ڪنڌ کان ڪوهان پري هر خدا جي بندي جي مدد ڪندا هئا. من ۾ سيوا ڀاونا پوءِ چاهي مندر ٽڪاڻي جي سيوا هجي يا دين دکي مومنن جي مدد ڪرڻ واري ڳالهہ، جنهن جي گواهي خود مومن بزرگ دانشور علي احمد بروهي ڪنوَر جي جيوَن جهلڪ پيش ڪندي فرمايو آهي تہ محتاجن ۽ مسلمانن جي اڪثيرت هوندي هئي. پنهنجي تحرير ۾ هُو فرمائين ٿا-

ڪنوَر جي شاديءَ جي ٺٺ ٻڌي وئي تہ ٽن ڏينهن بعد هڪ شائق ڪنوَر کي ڪنوار لاءِ چار جوڙا ڪپڙن جا پرٽ پريل هڪ بوسڪيءَ جو ٿان ساڻ ڪري ڪيس نظراني طور ڏيئي ويو. ڀائي ڪنوَر ڪپڙن جي ڳنڍهہ وٺي گهر ۾ رکي ڇڏي. شام ٽاڻي هڪ مسڪين مائي اچي سندس گهر جو ڪڙو کڙڪايو- چي ابا سڀاڻي عيد آهي مونکي ٻچن لاءِ ناهي ڪپڙو نہ لٽو، آئون بيواهي رن زال ڪٿي وڃي در در هٿ ٽنگيان؟ ڀائي ڪنوَر اندر وڃي ڳنڍهہ کڻي اچي ٻڍڙي مائيءَ جي حوالي ڪئي. چي امڙ وٺ پنهنجي امانت، مون صبح کان وٺي سانڍي شڪر ٿيو اصلي مال مالڪن کي مليو. ڀائي ڪنوَر پلجي ٻہ پاڻ تي سخاوت جو الزام مڙهجڻ نہ ڏنو. هميشهہ چوندو هو ڀائي مون وٽ آهي ڇا جو ڪنهن کي ڏيان، ڏيڻ وارو ڏئي ٿو ۽ وچ ۾ آئون اچي خواه مخواه ڦاٿو آهيان. چني لکندڙ هڪڙو، چني وٺندڙ ٻيو، پر سرمانو هميشهہ هوندو معرفت ڦري ملي ڦلاڻي کي.

ڪنوَر جي جيوَن جو درشن اهڙين سچاين مان پسي سگهجي ٿو. امر شهيد ڀڳت ڪنوَررام جي ونش جا ڀاتي ڀارت جي مختلف شهرن- ستنا، امراوتي، دهلي، ممبئي، ڪلڪتي ۽ اميريڪا ۾ رهائش پذير آهن. سنت ڪنوَررام جي ڀاءُ جاڙا رام هن فاني دنيا کي الوداع ڪري ايشور جي چرنن ۾ وڃي جاءِ ورتي. ڪنوَررام جن ٻہ شاديون ڪيون.

ٿا تہ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ وِچ جي چمڪاٽ جيان نور ڦهلائي ٿو ڇڏي. اِن طرح ڪنوَر جي جيوَن جو درشن اسان اڄ بہ ڪري سگهون ٿا. مون بہ ڪيو، شايد اوهانکي وشواس نہ اچي، من ۾ ڪئين ويچار اُڀرن. پنجويهن سالن کان مٿي عرصي کان آل اِنڊيا ريڊيو جي سنڌي نشريات تان روزانو ڀڳت ڪنوررام جي سدابهار آواز سان پروگرام جي شروعات ڪندا آهيون. ڪنوَر جي سُر سنگيت جي مڌر آواز جي گونج هيانوَ ۾ ٿرنڊي پيئي آهي. ڪنهن امرت ويلي اوچتو ڪنن ۾ ٻرڻ لڳندو آهي - رام سمر پرڀات ميري من... جي جاڳين تون جاڳ تون تہ سمهين اڳيئي گهڻو گهوري ننڊ وڃائي ساڙي ڇڏ سمهڻ کي... مهرواڻ... (ڪنوَر جي آواز ۾ رام سمر پرڀات گيت جي جهلڪ)

ڪنوَر جي جيوٽي ڇپائيندڙ کيمچند موتيرام چيٽواڻي ڪنوَر جي باري ۾ شرڌا پيش ڪندي چون ٿا -

امر شهيد ڪنوَر ۾ ٽن اوتارن جا گڻ هئا، ڪلجگ جي اوتار گرو نانڪ ديوَ وانگر ڳوٺ ڳوٺ شهر شهر ۾ ڀڳتي ۽ نام جو پرچار ڪيائون، تريتا يگ جي اوتار مريادا پرشوتم شرِي رامچندر وانگر سائين ڪنوَررام مريادا جا سروپ هئا. مريادا تہ ڪو ڪانئن سِکي! گرو ڀڳتي ۽ مريادا منجهن ڀرپور هئي. دواپر يُگ ۾ شرِي ڪرشن جيان مڌر مُرلي وڄائي گوپين ۽ گوالن جي سڌ ٻڌ ڀلائي ڪين خوشيءَ ۾ مست ڪندو هو. تيئن سنت ڪنوَررام مُک جي مُرليءَ سان هزارن کي ڀڄن ۾ مگن ۽ مست ڪندا هئا. سندن آواز ايڏو بلند هو جو ميلن جي فاصلي تي ٻڌڻ ۾ ايندو هو. پاڻ ڀڄن ۾ ڀڄن روپ ٿي ويندا هئا. گيتا جي پنجين اڌياءَ جي ڏهين شلوڪ ۾ چيل آهي -

جيڪو ڪرم، ڦل جي اِڇا ڇڏي ڪري، ڪري ٿو ۽ اُنهن ڪرمن کي برهم جي ارپڻ ڪري ڏئي ٿو ۽ اُن کي جيئن ڪمل پتر کي جل ڇهي نٿو سگهي، تيئن پاپ ڇُهي اسپرش ڪري نٿو سگهي.

ڪٽمب خلقي ٿو، ونش ڪي اڳتي وڌائي ٿو. اڄ جو اِنسان جڏهن اِنهن پوتر رشتن کي هلڪڙائپ سان ڏسي ٿو تہ ڏک ڏولاون ۽ ذهني پيڙا جو سلسلو جڙي وڃي ٿو. من جي شانتيءَ لاءِ بندو ڪٿا ڪيرتن جي اوٽ وٺندي بہ پاڻ کي اوپرو پائي ٿو. اِنسان وياڪل گهاري ٿو، ميلي ۾ رهي بہ پاڻ کي اڪيلو پائي ٿو. من جو سڪون ڪوهان پري ڀڄي ٿو. مرگهہ ترشنا جيان بيابانن ۾ واريءَ جي چمڪندڙ ترورڻ کي جل جي ڌارا پائڻي ڀرم ۾ ترشنا روپي پياس ٻجهائڻ وڃي پراڻ تياڳي ٿو. اڄ سچ هيٺو ٿيندو پيو وڃي. ڪوڙ ٿلهو متارو.

جي نہ سڄاڻن سچ کي ويهہ م تنهين وٽ،
املهہ کي اڌ ڪري پاڻان هٽندا پٽ،
وڃي مهر پن تنهين وٽ جي پارکو پارس جا. (شاهہ)

اگر اسان کي شرڌا آهي، پيار ۽ مميتا آهي تہ اسين آدرشي زندگي ۽ اخلاقي قدرن جو پالند پڪڙي هلون، جا ئي اسانجي درويش ڪنوَر لاءِ سچي عقيدت رهندي.

اسانجي سماج ۾ ڳائڻ وڄائڻ وارن کي گهٽ نظر سان ڏٺو ويندو هو، اُنهن کي ڏوڪڙي، ڀٽ، ميراسي، مڱتو، مڱڻهار، خيرات گهرندڙ، پر ڪنوَر سنگيت کي ايشور جي ڀڳتيءَ جي روپ ۾ ڏٺو ۽ پيش ڪيو. پنهنجي ڳائڻ واري ڪلا کي ايشوري ڏات، ماتا سرسوتيءَ جي دين پائڻين، اُنجي پوڄا آراڌنا ڪئي. جا ڳائي جهولي ڦهلائي سا دين دکين جي دک درد دور ڪرڻ لاءِ هئي. ڪنوَر تي صوفياڻو رنگ واهہ جو چڙهيل هو. بيڪس، بيدل، بلي شاہ، بهاول فقير، شاهہ، سچل، سامي، صوفي شاعرن جا ڪلام ڳاتا.

. سنڌ جو بزرگ دانشور علي احمد بروهي جن چون ٿا- مون نہ بيجل ٻڌو نہ راءِ ڏياچ ڏٺو پر مون هڪ لکن جو رانجهو ضرور ڏٺو ۽ ٻڌو. سُريلو بہ رس ڀريو هو، سخي بہ اهڙو جو ڏيئي نہ پڇاري، سو سِر ڏيئي

وچن جا پڪا پراڻ جائي پر وچن نہ جائي، جا ڳالھ سندن هن قدم مان بخوبي جهلڪي ٿي. اِهي ڪي قصا ۽ ڪهاڻيون نہ آهن پر جيون جون سچايون آهن، جي وقت بہ وقت ڪيترن جي زبان تي ايندريون رهيون آهن. هڪ واري نهال ڳوٺ ۾ پئنچائتن ڪنوَر جو پروگرام رکيو. تن ڏينهن افراتفريءَ جو ماحول هو. ڦريون، ڌاڙا، حالانڪ اُن وقت جي ڳالھ تہ ڇڏيو اڄ بہ سنڌ سورن ۾ آهي. ڦريون، ڌاڙا، اغوا، دهشتگرديءَ جون ڪارروايون، قتل غارت. جن سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ مان جنم ورتو، تن ڪي ئي ڌرتيءَ تان بي دخل ڪرڻ جا ڪُڌا ڪرتوت ڪيا پيا وڃن. ها، سو ڳالھ پئي ڪئي نهال ڳوٺ جي هندن مٿان ڌاڙا ۽ حملا شروع ٿي ويا. بد امنيءَ جو ماحول هو. سنت ڪنوَر جي ڳوٺ وارن نهال ڳوٺ جي پئنچائتين کي منع ڪئي، اهڙي ماحول ۾ پروگرام نہ ڪن. ٻئي طرف ڪنوررام جي ڌرمپتنيءَ جي طبيعت بہ خراب هئي. نهال ڳوٺ وارن چيو تہ اسين فيصلو ڪنوررام تي ٿا ڇڏيون، جيئن وٽين تيئن ڪن. ملڪ جي حالتن جي مدي نظر پروگرام مهمل ڪن، پل نہ ڪن. پر سنت ڪنوَر پنهنجي اِرادي تي اٽل رهيا. پئنچن کي فرمايائون- ابا منش کي هڪ زبان مليل آهي، اِنڪري هو زبان مان هڪ دفعو جيڪو وچن ڪڍي اُهو نڀائي، ٻيءَ حالت ۾ بہ زبانو ليکبو. بہ زبانون نانگ کي ٿينديون آهن ۽ اِنسان جو سِر وڃي تہ پل وڃي پر وچن نڀائي. پراڻ جائي پر وچن نہ جائي.

زندگيءَ جو پڇاڙيءَ وارو پروگرام مانجهند دربار ۾ ڪيائون، جتي مارُو راڳ ڳاتائون تہ سڀني کي حيراني لڳي تہ اهڙي موقعي تي مارُو راڳ! پر درويش ڪنوَر کي پنهنجي انتم سفر جي ڄاڻ اندر جي روشنيءَ ذريعي پئجي ويئي. اڄ بہ جڏهن سندن مارُو راڳ- آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ مونکي تن ماروئڙن جي.... ٻڌبو آهي تہ انيڪ درشيہ اکين آڏو رقص ڪرڻ لڳندا.

”معلوم اِئين ٿيندو هو، ڄڻ سندس ٻنهي ڪراين ۾ آزي ۽ عاجزي جون هٿڪڙيون پهريل هيون.“

عاجزي سندس عادت هئي ته راڳ سندس عبادت هئي. ننڍڙي لاکو ڳائڻ سان دلي لڳاءُ هيس جو وڏندي وڻ ويڙهي ٿي سندس رڳ رڳ ڪي وڪوڙي منجهيس سمائجي ويو. ڳائڻ ذات آهي جنهن ڪي ڏاتر ڏئي ڪي پيٽ پوڄا جو وسيلو بڻائين ته ڪي پاڪيزه سوغات. پائي ڪنور آلاپ ڪي سچي سائينءَ جي سوکڙي ڄاڻي ڪيس پڳوان جي ڀڳتيءَ لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڀڳت ۾ پنهنجي آلاپ جي ابتدا سائينءَ جي ساراهه سان ڪندو هو ۽ هميشهه پوئين اسُر ڪان شروع ٿي پرهه ڦٽيءَ تائين وڄندو نچندو هو. سُر آساواري ۽ پرڀاتي سندس دل پسند سُر هئا. اسُر ويلي اُٿي الک اورڻ جي سواد جو پتو اُنهن کي بخوبي هوندو. ڳائڻ وقت ڪنور جي ڪمفيت ڏسڻ وٽان هوندي هئي. آلاپ ڪي عروج تي آڻي مست هاٿيءَ جيان پيو نچندو هو جهومندو هو. سندن نيڻن مان نير وهندو هو. ڪنور جي ڀڳت هڪ عوامي ميلي جو ڏيک ڏيندي هئي. (علي احمد بروهي).

جيئن مون شروع ۾ عرض ڪيو هو ته مٿر راڳ جي روپ ۾ ڏٺيءَ جي اُن سچي پانڌيئڙي جو درشن ڪيو. اُميد ڪريان ٿي ته اوهانکي به ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اُن سنت جي آدرشي جيون جو درشن ٿيو هوندو ۽ شرڌا آهي ته الڳ الڳ جهلڪين جي روپ ۾ پسڻ وٽان مليو هوندو.

هتي مان هڪ شڪاريءَ جي جيون جي هڪ حادثي جو ذڪر ڪنديس ته شڪار نه ملڻ جي حالت ۾ رات ٽيڻ تي ٽڪل ٽُٽل هڪ بيل جي وڻ هيٺان سمهي پيو. وڻ هيٺان شِوَ لنگ هو. صبح جو ننڊ مان جڏهن اُٿيو ته مٿو وڃي بيل سان ٽڪرايس، جنهنڪري وڻ جا پن ڇڄي ڪري وڃي شِوَ لنگ جي مٿان ڪِريا. پولي پنڊارِي شِوَ شنڪر شڪاريءَ تي راضي ٿي ويو. ٻئي طرف شڪاريءَ جي من ۾ به ڦيرو اچي ويو. شڪار ترڪ ڪري شِوَ ڀڳت بڻجي هن ڀوساڳر مان ترِي پار پيو.

# سنت ڪنوررام جا يادگار

- گيان پرڪاش ٽيڪچنداڻي 'سرل'

جيڪي اِنسان پنهنجي رهڻي ڪهڻي سان عام ڪان خاص ٿي ويندا آهن، اُهي مهاپرش چوائيندا آهن. اهڙن ستپرشن کي هميشهہ ياد رکيو ويندو آهي. سدائين ياد رکڻ لاءِ ''يادگار'' بڻائبا آهن. ''يادگار'' شخص خاص ۾ يقين، پريم ۽ آستا جي نشاني آهن.

سنت ڪنوررام سک، سخاوت، سيوا جي صورت ۽ ميلاپ جي مورت هو. ڀڳت ڪنوررام پنهنجي رهت سان جيڪي آدرشي نمونا پيش ڪيا، سنڌين سنڌ توڙي هند ۾ ڪنوررام جي ڪيل ڪمن کي گوناگون يادگارن ذريعي پيش ڪري پنهنجي پريم ۽ وشواس جو اِظهار ڪيو آهي.

اهڙين آتمائن کي پهرين ياد ڪيو ٿو وڃي، جينتيون، ورسيون ملهائي ۽ شراڌ ڪري.

جينتيون-

ڀارت ۾ ١١ جڳهين تي ڪنوررام جا جنم ڏينهن ملهايا وڃن ٿا. مهاراشٽر ۾ ٦ جڳهين تي، گجرات، مڌيہ پرديش ۾ ٢-٢ ۽ راجستان ۾ ٻن جڳهين تي.

مهاراشٽر جا شهر آهن: امراوتي، اڪولا، اورنگاباد، پريٽي ۽ بيڙ.

مڌيہ پرديش ۾ ڊبرا ۽ گواليار. راجستان ۾ الوَر ۽ اجمير ۾ جنم ڏينهن ٿو ملهايو وڃي.

ورسيون-

سنڌِي جينتين ڪان ورسيون وڏيڪ ٿا ملهائين. سنڌين ۾ ورسين ملهائڻ جو رواج وڏيڪ آهي. ورسيءَ تي مهاپرش جي ڪيل ڪمن کي ياد ڪري ٻين کي پريرت ٿو ڪيو وڃي. ڀارت ۾ ٦٣ جڳهين تي ڪنوررام جون ورسيون ملهايون ٿيون وڃن.

**پٽلا-**

ڪل ٣٥ پٽلا هيلتائين سڄي هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ بيهاريا ويا آهن. اِنهن ۾ اُنهن جي ڳڻپ شامل نہ آهي، جيڪي ڇونڪن ڪانسواءِ تعليمي اِدارن، ڌرمشالائن وغيره ۾ بيهاريا ويا آهن.

مهاراشٽر ۾ سڀني کان وڌيڪ ٨، اُن بعد مڌيہ پرديش ۾ ٧، گجرات ۽ راجسٿان ۾ ٦-٦، اُترپرديش ۾ ٥، دهلي، ڪلڪتي ۽ ڇتيسڳڙه ۾ هڪ هڪ.

مهاراشٽر صوبي ۾ امراوتي، جل گانوَ، ناگپور، اُلهاس نگر، اڪولا، يوتمال، پوساول ۽ هنگن گهاٽ ۾.

اکنڊ مڌيہ پرديش ۾ بہ ٨ پُتلا هئا، پر ڇتيسڳڙه مڌيہ پرديش کان جدا ٿي وڃڻ سبب هاڻي ڇتيسڳڙه جي رائپور ۾ هڪ پتلو وڃڻ سبب مڌيہ پرديش ۾ رهجي ويا ٧ پتلا. اِهي شهر آهن: ڪٽني، ستنا، اِندور، جبلپور، گواليار، ڀوپال ۽ بئراڳڙه.

گجرات صوبي جي احمدآباد، ڀاونگر، گانڌيڌام، پاليتاڻا، ٻڙودا ۽ جامنگر شهرن ۾.

راجسٿان صوبي ۾ ڪوٽا، جوڌپور، بيڪانير، ڪشنڳڙه، ڪشنڳڙه باس ۽ بياور ۾ پتلا آهن.

اُترپرديش جي راڄڌاني لکنو. واپارڪ مرڪز ڪانپور کان سواءِ شوَ جي نگري واراڻاسي ۽ تروينڻي جي روپ ۾ وسيل اللهآباد ۾ بہ پتلا بيهاريا ويا آهن.

دهلي ۽ بنگلا جي ڪلڪتي ۾ هڪ هڪ پتلو لڳل آهي.

**درٻاريون:**

سنت ڪنوَررام جي نالي تي هندستان جي ٨ صوبن ۾ ٤٣ درٻاريون ٺهيل آهن، جنهنجي هيل تائين ڳڻپ ٿي چڪي آهي.

راجستان جي ڪوٽا، بيڪانير، بياور، گجرات جي بڙودا ۾ هڪ، مڌيه پرديش جي اِٽارسيءَ ۾ هڪ، اُترپرديش جي رايبريلي شهر ۾ هڪ پيائو هلي رهيو آهي.

اسپتالون-

بيمارن جي علاج واسطي سنت جي نالي تي سنڌين اِسپتالون ٻه گهٽيئي کوليون آهن. راجستان ۽ مهاراشٽر هن سيوا ۾ سيني کان اڳرا آهن.

راجستان، مهاراشٽر ۾ ٢-٢، مڌيه پرديش جي اِندور ۽ ڇتيسگڙه جي رائپور ۾ هڪ هڪ اسپتال آهي.

ڌرمشالائون-

ڀارت ۾ سنڌين ڌرمشالائون ٺهرايون آهن. ٥٢ ڌرمشالائون سنت جو نالو روشن ڪري رهيون آهن.

راجستان ۾ ١٦، مهاراشٽر ۾ ١٣، اُتر پرديش ۽ گجرات ۾ ٦-٦، مڌيه پرديش ۾ ٥، ڇتسيگڙه ۾ ٤، دهليءَ ۽ پشچم بنگال ۾ ١-١.

راجستان ۾ اِهي شهر آهن: ڪوٽا، اجمير، جوڌپور، بيڪانير، ڪشنگڙه، پيلواڙا، ڪشنگڙه باس، الوَر، اُديپور، بونديِ، تِجارا، جئپور، پشڪر، بياور، هنومان گڙه ۽ نصيرآباد.

مهاراشٽر ۾ جل گانو، ناگپور، اُلهاس نگر، اڪولا، پمپريِ، اورنگاباد، يوتمال، احمدنگر، ورڌا، هنگن گهاٽ، بيڙ ۾ ١-١ ۽ امراوتيءَ ۾ ٢.

اُتر پرديش ۾ لکنو، واراڻسيِ، ڪانپور، فيض آباد، باندا ۽ مئوُ.

گجرات ۾ احمدآباد، پاونگر، گانڌيڌام، ميهساڻا، بڙودا ۽ نڙياد.

مڌيه پرديش ۾ ڪٽنيِ، جبلپور، مرار، اِٽارسيِ، گواليار.

ڇتيسگڙه ۾ چڪرياٽا، رائگڙه ۾ ١-١ ۽ رائپور ۾ ٢. دهليءَ ۾ ١، پشچم بنگال جي ڪولڪتا ۾ هڪ ڌرمشالا سنت جي نالي کي اوچ تي رَسائي رهيون آهن.

# اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ پرچار سڀا جو يوگدان

-ريتا شهاڻي

هن صديءَ جي وچ ڌاري سنڌي جاتي، سياست جو ڪجهہ اهڙو شڪار بڻي جو هن لاءِ پنهنجو وجود بچائڻ مشڪل ٿي پيو. ڀارت کي آزادي ڇا ملي، سنڌ جي هندن کي پنهنجي جان ۽ عزت بچائڻ خاطر پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو ۽ اِهو اِتهاس جو هڪ دردناڪ واقعو بڻجي پيو. صديءَ جو ڀهريون اڌ، هنن جو وقت پنهنجي ۽ پنهنجي پريوار کي نئين سِر، نئين ڌرتيءَ ۾ کوڙڻ ۾ وقف ٿي ويو. ظاهر آهي تہ اُن جدوجهد ۾ عام سنڌيءَ جو پنهنجي ٻولي، سنسڪرتيءَ ۽ ساهتيہ طرف ڌيان گهٽ ويو. اِهو بہ سچ آهي تہ پنهنجي زمين تان اُکڙيل جاتيءَ ٿوري عرصي ۾ پنهنجي محنت، ٻڌيءَ ۽ واپار ڪوشل سان جيئن ۽ جهڙي ترقي ڪئي، اُهو سنسار ۾ پنهنجي ليکي هڪ مثال بڻجي پيو. اُن دوارن ڪي ڳاڻ ڳڻيا ذهني اڳوان بہ پيدا ٿيا، جن جو پنهنجي ٻولي ۽ ساهتيہ لاءِ هڏ ڪرڪيو. هنن اُن کي بچائڻ خاطر ڪي يتن ڪيا. حقيقت ۾ سنڌي سماج جو هڪڙو طبقو پنهنجي ٻولي ۽ ساهتيہ سان سچار رهيو. ڪن ساهتيڪارن گڏجي ڪي ثابت قدم کنيا ۽ سنڌي ادب جي جهنڊي کي جهڪڻ نہ ڏنو. ڪي منڊل، سڀائون ۽ سنستائون برپا ٿيڻ لڳيون، جن جو ڪاريہ هڪ اِتهاسڪ ڪارنامو بڻجي پيو.

اهڙي ڀهرين سنستا ۱۹۵۹ع ۾ سنڌي ساهتيہ منڊل جي نالي سان بمبئيءَ ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ برپا ٿي. ڀارت جي ڀن ڀن جڳهين تي پڻ مڪاني ليول تي اهڙيون سڀائون نهڻ لڳيون. پوني، لکنو، دهلي، آگري ۽ ٻين آستانن تي سنڌي ساهتيہ سڀائون ٿيون ۽ پنهنجي نموني سان ڪم ڪرڻ لڳيون. اکل ڀارتي سطح تي جن سنستائن جو نرماڻ ٿيو، اُنهن ساهتيہ جي ميدان ۾ اڳتي هلي چرپر آنديِ ۽ سموري ديش جي ليکڪن ۽ ڪلاڪارن لاءِ هڪ منچ تيار

(٧) ٢٦-٢٧ آگسٽ ١٩٩٠ - پترڪارن جا مسئلا، سيمينار، هردوار.

(٨) ٢٥-٢٦ نومبر ١٩٩٠ - احمدآباد ۾ سيمينار - مشاعرو ۽ ڪلچرل پروگرام - گجرات سنڌي اڪاڊميءَ جي سهيوگ سان.

(٩) ٢٦ جنوري ١٩٩١ - ڪاليجي شاگردن جي اِنعامي چٽاپيٽي - آر. ڪي. تلريجا، اُلهاس نگر.

(١٠) ٢ مارچ ١٩٩١ - سيمينار ''سنڌي ساهت ۾ مانائي''، هوٽل پارڪ لين، دادر.

(١١) ٢٥ اپريل ١٩٩١ - ساهتڪارن جي گڏجاڻي - هوٽل پارڪ لين، دادر.

(١٢) ٦-٧ جولاءِ ١٩٩١ - سنڌي ايڪويهين صديءَ ۾، لوناوالا ساهتيڪ سيمينار.

(١٣) ٢٩-٣٠ مارچ ١٩٩٢ - 'ٽريڊيشن ائنڊ ماڊرينٽي اِن سنڌي لٽريچر' ناسڪ ۾.

(١٤) ٥ مارچ ١٩٩٢ - اِنٽر ڪاليج اِنعامي چٽاپيٽي، اُلهاسنگر.

فيبروري ١٩٩٣ کان وٺي پرچار سڀا، سنڌي ساهتيڪارن جي ساهتڪ يوگدان کي وٺي سيمينارن جو سلسلو شروع ڪيو آهي، جنهن کي چڱي خاص سڦلتا ملي آهي:

(١) ٢٧-٢٨ فيبروري ١٩٩٣ - ساهتڪ ۽ تعليمي سيمينار، لوناوالا جي موقعي تي ڪوي اِندر ڀوڄواڻي ۽ موهن ڪلپنا جي يوگدان تي پيپر پڙهيا ويا. پيپر پڙهندڙ: هريڪانت ۽ پروفيسر هيرو شيوڪاڻي.

(٢) ٥ سيپٽمبر ١٩٩٣ - پوپٽي هيراننداڻيءَ جو ساهتڪ يوگدان، بمبئي. پيپر پيش ڪندڙ: ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، ريٽا شهاڻي ۽ شري جگديش لڇاڻي.

(٣) ٣٠-٣١ آڪٽوبر ١٩٩٣ - هري موٽواڻيءَ جو ساهتڪ يوگدان -

۲۵ جون ۱۹۹۵ - 'سنڌين ۾ ايڪتا ۽ سرڪشا' وشيہ تي ساهتڪ سيمينار اُلهاسنگر ۾ رکيو ويو.

مٿي ڏنل سوچيءَ مان پرچار سڀا جي سرگرمين جي پليءَ پٽ جاڻ پوي ٿي تہ ڪيئن سڀا جا بانيڪار پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. هوُ سنڌي ساهتڪار کي هڪ منچ تي گڏ ڪرڻ ۽ هنن جي ڪلا کي زنده رکڻ جي ڪوشش ۾ سڀ حيلا وسيلا هلائي رهيا آهن. حيات اديبن جي يوگدان تي سيمينار سڏائڻ جي هن وقت پنهنجي اهميت آهي. سنڌي ادب ۾ پاٺڪ عدم موجود آهن. هنن کي پڙهڻ وارا آهن ٻيا ليکڪ. ليکڪ ئي اسان جا پاٺڪ آهن ۽ اُهي ئي ليکڪ پاڻ پنهنجي رچناتمڪ دنيا ۾ مايوس ۽ نراس آهن. جيڪو ليکڪ پاڻ پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هوندو سو ٻين جي پرک ۽ قدر چو ۽ ڪيئن ڪندو؟ اِن ڪري اڄ جو ليکڪ فرسٽريشن جو شڪار آهي. هو ٻين مٿان قدرداني نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن قسم جي ردعمل جي اُميد رکي ٿو، پر اِها بہ هن کي نٿي ملي. پاٺڪن جي عدم موجودگيءَ سبب هنجي تخليقي دنيا ۾ هڪ خال آهي، اِهو خال ڪيئن پرجي؟ سڀا جي اهڙن سيمينارن جي آيوجن سان اِهو ڪم ڪنهن حد تائين سرانجام ٿي رهيو آهي. ها، ساهتڪارن ۽ پيپر لکندڙ جي چونڊ جو صحيح هجڻ نهايت ئي اهم آهي. اِها چونڊ ڪنهن کي تہ ڪرڻي آهي. اُن وشيہ تي خيالات جو اختلاف ٿي سگهي ٿو، پر اهو اختلاف خود پاڻ ۾ صحت جي نشاني آهي.

هر هڪ کي پنهنجو نظريو ۽ ويچار رکڻ جو حق آهي. پر منهنجي ويچار موجب ليکڪ جو اُتساه قائم رکڻ ۽ هن جي بيجان رچناتمڪ جيون ۾ جان ڦوڪڻ، هن وقت جي اهم ترين تقاضا آهي، جيڪو ڪم پرچار سڀا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

گنڀير ماحول ۾ جڏهن عالم، ليکڪ جي سامهون سندس رچنائن جي اوک ڊوک ڪن ٿا، ساراه جي شبدن سان گڏ نڪتچيني بہ ڪن ٿا

پارٽيءَ جي ساهتڪ يوگدان تي ساهتڪ سيمينار سنڌونگر جي گلئمور هوٽل ۾ رکيو ويو. جنهن ۾ شريمتي ريٽا شهاڻي ۽ ڊاڪٽر پرسو گدواڻيءَ پنهنجا معياري مقالا پڙهيا. هن موقعي تي مرڪزي ساهت اڪادميءَ طرفان اِنعام حاصل ڪندڙ شري لکمي کلاڻيءَ جو سنمان ڪيو ويو.

**वञी महर पिनु तिन्हीं वटि, जे पारखू पारस जा।** (शाह)

अगर असांखे श्रद्धा आहे, प्यार ऐं मञुता आहे त असीं आदर्शी ज़िन्दगी ऐं अख़्लाकी कदुरनि जो पलांद पकड़े हलूं, जा ई असांजे दरवेश कंवर लाइ सच्ची अकीदत रहन्दी।

असांजे समाज में गाइण वजाइण वारनि खे घटि नज़र सां डिठो वेन्दो हो, उन्हनि खे धोकड़ी, भट, मीरासी, मङतो, मङणहार, ख़ैरात घुरन्दड़ चवन्दा हुआ; पर कंवर संगीत खे ईश्वर भगतीअ जे रूप में डिठो ऐं पेश कयो। पंहिंजे गाइण वारी कला खे ईश्वरी डात, माता सरस्वतीअ जी देन भाएं, उनजी पूजा आराधना कई। जा गाए झोली फहिलाई सा दीन दुखियुनि जे दुख दर्द दूर करण लाए हुई। कंवर ते सूफ़ियाणो रंग वाह जो चढ़ियल हो। बेकस, बेदिल, बुले शाह, बहावल फ़कीर, शाह, सचल, सामी, सूफ़ी शाइरनि जा कलाम गाता।

सिन्ध जा बुजुर्ग दानशवर अली अहमद ब्रोही जनि चवनि था- मूं न बीजल बुधो, न राइ दियाच डिठो पर मूं हिक लखनि जो रांझो ज़रूर डिठो ऐं बुधो। सुरीलो त्रि रस भरियो हो, सख़ी बि अहिड़ो जो डेई न पचारे, सो सिर डेई अब्दे हयात माणियाईं, अहिड़ो माईअ जो लाल ऐं सिन्धुड़ीअ जो राइ डियाच हो। भाई कंवर मीरपुर माथेली तइलके जे हिक वाहण जरवारनि जो गोठाणो मिस्कीन फ़कीर मनुष हट वाणियो, सन्दसि इलमी लियाकत त पंजनि दर्जनि ऐं हटिके अखरनि जे सुञाणप ताईं महदूद हुई पर अन्दर जो सोझिरो इलाही हुयसि, जंहिंजो जरको सन्दसि पेशानीअ में पियो वखन्दो हुयसि। डेख-वेख खां कोहां डूर कपड़े लटे में सादड़ो, गाल्हि बोल्हि जो सबाझिड़ो, निमाणो ऐं कुर्बाइतो; बुढा, जवान ऐं बार त छडि अध उघाड़े पेनूं फ़कीर सां बि गाल्हाईन्दो त बुई हथ बधी, जणु हथ जोड़े माफ़ी वठी रहियो आहे।

जायूं, हिक सुशीला बाई संदनि औलाद राजकुमार, दिलीपकुमार ऐं प्रमोदकुमार, राजकुमार देहलीअ में रहनि था। पूज्य गंगाबाईअ जी बी नियाणी ईश्वरी बाईअ खे सुनीलकुमार, अरुणकुमार ब पुट ऐं हिक धीअ जेका अमेरीका में रहन्दी आहे। सन्दनि बी घर वारीअ जो पंहिंजे भतार कंवर सां नवनि सालनि जो साथ रहियो। चोवंजाह सालनि जे जमार में हिन फ़ानी जहान खे अलविदा कयो।

सन्त कंवरराम जे कुटम्ब जे वंशावलीअ जो वण फलियल फुलियल ऐं अलग-अलग शहरनि में पखिड़यल आहे। सन्त कंवर जे नेक कार्यनि ऐं उसूलनि खे श्रद्धा सां वधाईन्दा पिया अचनि।

अमर शहीद भगतराम जे नांअ ते भारत जे कुण्ड कुड़िछ में आस्थान, धर्मशालाऊं, मन्दर, टिकाणा, रोड, कालोनियूं ऐं चौंकनि ते मूर्तियूं मौजूद आहिनि।

कंवर जे आवाज़ में सोज़ ऐं आलाप में ईश्वर जो नाउ। परमात्मा जो कंहिं अन्त न लधो आहे, ईश्वर बेअन्त आहे। अगर सचे मन सां आराधना कयूं था त कंहिं न कंहिं रूप में विज जे चिम्काट जियां नूर फहिलाए थो छडे। इन तरह कंवर जे जीवन जो दर्शन असां अजु बि करे सघूं था। मूं बि कयो, शायदि अव्हांखे विश्वास न अचे। मन में कएं वीचार उभिरनि। पंजवीहनि सालनि सां मथे अर्से खां आल इण्डिया रेडियो जे सिन्धी नसरयात तां रोज़ानो भगत कंवरराम जे सदाबहार आवाज़ सां प्रोग्राम जी शुरूआत कन्दा आहियूं। कंवर जे सुर संगीत जे मधुर आवाज़ जी गूंज हियांअ में हुरन्दी पेई आहे। कंहिं अमृत वेले ओचितो कननि में बुरण लगन्दो आहे- राम सिमर प्रभात मेरे मन.... जे जागीं तूं जागु न त सुम्हें अगेई घणो, घोरी निन्ड विञाए साड़े छडि सुम्हण खे.... महरवाण.... (कंवर जे आवाज़ में राम सिमर प्रभात गीत जी झलक)

कंवर जी जीवनी छपाईन्दड़ खेमचन्द मोतीराम जेठवाणी कंवर जे बारे में श्रद्धा पेश कन्दे चवनि था-

अमर शहीद कंवर में टिन अवतारनि जा गुण हुआ, कलजुग जे अवतार गुरू नानकदेव वांगुरु गोठ गोठ शहर शहर में भगिती ऐं नाम जो प्रचार कयाऊं। त्रेता युग में अवतार मर्यादा पुरुषोतम श्री रामचन्द्र वांगुर साईं कंवरराम मर्यादा जा स्वरूप हुआ। मर्यादा त को खांउनि सिखे! गुरू भगती ऐं मर्यादा मंझिनि भरपूर हुई। द्वारपुर युग में श्री कृष्ण जियां मधुर मुरली वजाए गोपियुनि ऐं ग्वालनि जी सुध बुध भुलाए खेनि खुशीअ में मस्त कन्दो हो। तीअं सन्त कंवरराम जे मुख जे मुरलीअ सां हज़ारनि खे भजन में मुगध ऐं मस्त कन्दा हुआ। सन्दनि आवाज़ एडो

उन नेक कार्य सां वाबस्तह रहियसि। उनजे देवनागरी वारे कार्य में सुर्गवासी डॉ. मोहनलाल शर्मा जुड़ियल हुआ।

1940 ई. जे आसपास लेखक तीर्थ बसंत पंहिंजे पहरिएं मज़मून जे गुटके "चिणिगूं" में कंवर जे जीवन जो ज़िक्र कयो। सिन्धी अदबी बोर्ड इन किताब खे शाहकार दर्जो ड॒ेई साल जो बहतरीनि किताब मञी लेखक खे इनाम ड॒ियण जो इन्हीअ शर्त ते ऐलान कयो त उन कलम धणीअ खे पंहिंजे किताब में भरचंडीअ जे पीर बाबत (जेके भग॒त कंवर जे कतल लाइ जवाबदार हुआ) तिन लाइ चयल उन्हनि कुझ सिटुनि खे हटाए। पर उसूल परस्त दोस्त हिक सिट त छा पर हिकु हर्फ़ बि उन लेख मां हटाइण जी ग॒ाल्हि न मञी (हवालो झमूं छुग॒ाणी- ड॒ात धणी)

विरहाङे खां पोइ हैदराबाद जे दीवान दादा हरीसुन्दर जे अर्ज़ ते ड॒ात धणी तीर्थ बसंत भारत में अची अमर शहीद भग॒त कंवरराम जे जीवनी कला ते किताब लिखियो।

प्रोफेसर कन्हैयालाल तलरेजा जे 1977ई. में शायइ थियल अमर शहीद कंवरराम ते लिखियल किताब में के यादगार तस्वीरूं ऐं सन्त जा हथ अखर ड॒िनल आहिनि, जेके ख़तनि जे रूप में पंहिंजे प्रेमियुनि खे लिखिया हुआ। जंहिं श्रद्धालु श्री खेमचन्द मोतीराम ज॒ेठवाणीअ किताब छपायो, तंहिं ड॒ांहुं गुरुमुखीअ में लिखियल आहे, तर्जुमो बि ड॒िनो वियो आहे। हिते ख़त जो कुछ हिस्सो ऐं (हथ अखर) फोटो कापी शामिल करे रही आहियां।

प्यारा सच्चे साहिब खे न विसारिणो आहे, मतां माया जे मौज में अची पंहिंजो धणी विसारे विहो। इहा खुशी पलक जी आहे, हमेशा सच्ची खुशी साईंअ जे नांअ में आहे, आखिर में गुलाम कंवर सां ख़त पूरो कयो आहे। उन ख़त जे झलक मां कंवर जे आदर्शी जीवन जो दर्शन करे सघिजे थो। हिन्दू चाहे मुस्लिम केर बि दर ते सुवाली ईन्दो हो त कंवर झोली फैलाए उन्हनि जा दुख दूर करण लाइ मदद जो हथ डिघेरीन्दा हुआ, जिन इंसाननि में साक्षात ईश्वर पसण ईन्दो होनि

**से कीअं पिरीं पसनि कटर जिन अखियुनि में।** (शाह)

कंवर खे त पिरीं पसिणो हो, इनकरे ज़ात पात जे वेछे ऐं कटर खां कोह परे हर खुदा जे बन्दे जी मदद कन्दा हुआ। मन में सेवा भावना पोइ चाहे मन्द टिकाणे जी सेवा हुजे या दीन दुखी मोमननि जी मदद करण वारी ग॒ाल्हि, जंहिंजी गवाही खुदि मोमन बुजुर्ग दानशवर अली अहमद ब्रोही कंवर जे जीवन की झलक

"सन्दसि भगुति भगुतीअ सां भरपूर रहन्दी हुई, बेशक हू सिन्ध जे सन्तनि जो सरताज हो।"

प्रोफेसर राम पंजवाणीअ कुझु हिन तरह इज़हार कयो आहे- "कंवर अण-पढ़ियल हो, पर हकीकत में हू आलमनि जो आलिम हो।"

**बालु अवस्था**- कंवर जे बालु अवस्था जे जीवन ते नज़र कन्दासीं त कएं सचायूं सन्दनि आदर्शी जीवन जूं साख भरीनि थियूं। शान्त सुभाउ, मासूम मुरकन्दड़ चहिरे ते नूर, अखियुनि में चमक, वन्डे खाइजे सुख पाइजे। जिन बालक कंवर खे डिठो तिनि जो चवण हो त जेके खाइण लाइ खेनि टोल मिलन्दा हुआ, से झिरकियुनि खें किविलियुनि अगियां उछिलाए छडीन्दा हुआ। रोटी जा टुकर नन्ढिड़ा-नन्ढिड़ा गिरह कांवनि खे खाराए खुशि थीन्दा हुआ। नन्ढिड़ो कंवर एतिरो त रहमदिल हो जो संदसि पिता खे नन्ढिड़ो दुकान हो ऐं बनी बारी जो टुकर। बालक कंवर खे संदसि पिता तियार फ़सल खे पखियुनि जे खाइण खां बचाइण लाइ झार हकिलाइण लाइ चवन्दा हुआ। कोमल हृदय वारो रहमदिल हीउ बालक पखियुनि खे गुलेल हणी कीअं उडाए। माठि करे एकांत में वेही रहन्दो हो। पखी खाई पी मौजूं माणीन्दा हुआ। हिक डिहाड़े हिक फ़कीर अल्ह लोक जे नाले ते सदा बुलन्द कन्दे चयो- मूंखे बुख लगी आहे, अल्ह जे नाले मूंखे कोहर डे, मूं वटि उन्हनि जे एवज़ि डियण लाइ कुझ बि न आहे। कंवर सोच में पइजी वियो, हिक तरफ़ हो खुदा जो ख़ौफ़ त बिए तरफ़ जीजल माउ जे मार जो डपु। बालक कंवर मन में वीचार कयो त भलि त अमड़ि जी मार पवे, पर खुदा जे बन्दे जी बुख मिटाइण वारो सवाब जो कमु कन्दुसि। अहिड़ो हो रहमदिल दयालू बालक कंवर।

पीउ माउ गुरूअ जी शेवा करण सन्दसि परम धर्म हो। माता पिता जो वचन सत-वचन करे पालीन्दा हुआ। गांयुनि सां कृष्ण कन्हैये वारी प्रीत वांगुर मधुर मुरली वजाए सभिनी खे रीझाए छडीन्दा हुआ। जीअं कृष्ण कन्हैये खे ग्वाल बाल ऐं गोपियूं वृन्दावन में मधुर मुरलीअ जी तान बुधी वकोड़ वेन्दा हुआ, तीअं कंवर जे इर्द गिर्द बि साथी संगी गडु थी वेन्दा हुआ। सन्त कंवर जो मखण चोर कृष्ण कन्हैये तें ऐं माता जसोता ऐं नन्दलाल ते गायल स्नेह वारे भजन में सुहिणे अन्दाज़ में बयान कयल आहे।

**श्री कृष्ण खे माता जगायो आ,**
**उथी करे जसोता राणीअ खां नन्दलाल मखण ऐं मिसिरी घुरनि था।**

# तूं छपर तूं छांइ

## जीवन दर्शन

**- वीना श्रंगी**

सुर संगीत जो सरताज, इंसानियत जे आस्था जो नाउ आहे भगुत कंवरराम, हीणनि जो हमराह, बेवाहनि जो वाहु, प्रेम भाईचारे जो अल्मबरदार, धणीअ जो सचो पांधीअड़ो। कर्मयोगी श्री कृष्ण जे गीता में डेखारियल कर्म जे राह ते कर्म कन्दे जीवन घारियो। श्रीमद् भगुवत गीता जे अध्याअ बिएं में एकवंजाहें श्लोक में कर्म ते रोशनी विधी वेई आहे-

''जे ज्ञानी पुरुष कर्म जो फल छडे कर्म कनि था, उहे जन्म मरण जे फेरे खां छुटी दुख रहित पद खे प्राप्त थीन्दा।''

दरवेश फ़कीर कंवर कडहिं बि फल जी चिन्ता न कई, कर्म करे मरण जे चकर खां मुक्त थी अमरता हासिल कई, निन्ड खे तिलांजली डेई हथ हाज में पेर पन्ध करे गोठ गोठ शहर शहर इहाई सदा बुलन्द कई- वणजारो थी जगु में आयो आहीं, हीउ शरीर नाशवान आहे, सुता उथी जागु। भिट धणीअ फ़र्मायो आहे:

**ए कम कमीणियुनि, जे सुम्हनि पेर डिघा करे।** (शाह)

डींहं रात आन्धी मांझी इहाई वाई वात:

**आओ प्रीतम मोहना पलक मून्द तोही लूं,**
**ना मैं देखूं और कोइ ना तोहे देखनि दूं।**

पंहिंजे नेणनि में परमेश्वर खे समाए रखियो, जंहिं सच जे पारखू नज़र दरवेश कंवर खे दुनिया जे सच सां मुंहं मुकाबिल कयो। सिन्ध जे पवित्र भूमी जरवारनि जे गोठ में 12 अप्रेल 1885 ई. में बालक कंवर जो जन्म थियो, माता तीर्थ बाई पिता ताराचन्द धन्य आहिनि, जंहिंजे घर लाखीणे लाल कंवर जन्म वरितो। सन्त खोताराम जे वरदान ऐं धणीअ जे महिर सां कंवल रूपी बालक दुनिया में मनुष जन्म जो चोलो पहिरे हिन संसार में पधारिया।

**कंवर जी बाहिरीं शख़्सियत:** कननि में कुण्डल, गले में माल्हा, अखियुनि में चमक, चेहरे ते नूर, पगुड़ी पहिरियल, कारियूं घाटियूं मुछूं, सिहतमन्द कद काठ, मधुर वाणी इहा हुई सन्त कंवरराम जी बाहिरीं शख़्सियत।

सन्त साहित्य में भजन परम्परा पंहिंजे उन मक़ाले में 13-14 डिसम्बर

हो। शाह साहिबनि जे बैतनि ऐं मारुईअ जे हुब अलवतनीअ खे बार बार दुहिरायो, जंहिंजो अवाम ते काफ़ी असर पियो।

कंवर भगुतियुनि में संगीत ऐं इलाही इश्क जे असर हेठि सोक वारियुनि एराज़ियुनि में बरसात वसाई। मुअल ब़ार खे जीअरो करे अनेक करामतूं डे़खारियूं, दान शीलता जी ज़ाण डि़नी।

कंवर जो आवाज़ आत्मा खे पवित्र करे छडीं़दो हो। जडहिं हू जोग़, कोहयारी राणो, प्रभाती गा़ईन्दो हो।

कंवर जे भग़ति जी शुरूआत राग़ कल्याण या राग़ माल कंस "तुम ठाकुर तुम पई अरदास" सां शुरू थीन्दी हुई। बइदि में बि़या राग़ ऐं राग़णियूं पेश थीन्दियूं हुयूं।

साईं कंवरराम राग़ हुसैनी ऐं राग़ मारू गा़इण जा माहिर हुआ।

कंवर जा फेलसूफाणा ख़्याल, बो़ली ब़हूगुणी, सरल, सादी सूदी पर मिठी, दिल उथारीन्दड़, कुर्ब सां भरियल, सच जी प्रेरणा डी़न्दड़, निडर बणाईन्दड़, ना-इंसाफीअ अग़ियां सिर न झुकाइण ऐं कूड़, अत्याचार जो बहादुरीअ सां मुकाबिलो कन्दड़, कुदरत लाइ प्रेम जो इज़हार कन्दड़ हून्दी हुई।

अमर शहीद भग़त कंवरराम साहिब हथ जोड़े, पलउ पाए आराधना कन्दा हुआ:

**"ओ मुंहिंजा मालिक, हिन्दू मुस्लिम जो ख़ैर कजि,**
**अड़ियनि अधीननि जो अझो थिजि।"**

हिन्दुनि खां चवाईन्दो हो "हरे राम" ऐं मुसलमाननि खे चवन्दो हो कुर्ब सां कल्मो पढ़ो ऐं शुरू कन्दो हो "नाले अलख जे बे़ड़ो तार मुंहिंजो।"

कंवरराम भग़ति में जेके झोलियूं कयूं, जेकी कुझु हुननि खे उन्हनि भग़तियुनि में मिलियो, उहो उते जो उते लूलनि, लंगड़नि, फ़कीरनि, घुरजाउनि खे विरहाए डी़न्दो हो। कारी कोडी़ बि घर खणी न वेन्दो हो। हुनखे जेको बि बताउ, घोर, बो़ल मिलन्दी हुई, उन मां सामाजिक कार्य कन्दा हुआ। घर ऐं कुटम्ब जे आजीविका लाइ पाण महनत ऐं पोरिहिए जी कमाई कन्दा हुआ।

साईं कंवरराम समूरी सिन्ध, सभिनी दरबा़रियुनि, सिन्ध जे सरहदी इलाइकनि, पंजाब में भग़तियूं विधियूं। संदनि जे टोलीअ सां सदाईं साथ सहकार डी़न्दड़ हुआ भाई मांघनदास, भाई हुअणराम, भाई नेवन्दराम, भाई बनाराम, भाई सीताराम नन्ढो

**"इश्क जे मकतब में वेही, करि दर्द जो दिल में दर्क,**
**कूड़ियूं किताबनि जूं पढ़ीं, हिन हुन आहे फ़र्क,**
**अखरनि में जेके अड़िया, से इश्क चाढ़ी ना चढ़िया,**
**कंहिंजी मञीनि था कीनकी, आहिनि वड॒ा साड़े सड़िया,**
**जिन खे हर्फ़ हादीअ जो, वेढ़े छडि॒याऊं सभु वर्क।"**

साईं कंवरराम जी हीअ लोली डि॒सो :

**"लोली दि॒यां लाल नूं, निके जहिड़े ब॒ाल नूं,**
**लोलियां लोली, लोली डे॒वां लाल नूं।"**

साईं कंवरराम भग॒तुनि द्वारा भारत भर जे सूफ़ियुनि जे अमृत वाणीअ सां गडु॒ मीरां, कबीर, सूरदास, तुलसीदास, गुरू नानक, शेख़ फ़रीद, बुले शाह, आग़ा, अमीद अली, शाह अब्दुल लतीफ़, बहावल, सामी, सचल, सरमस्त, बेदल, बेकस वग़ेरह जे कलामनि, भज॒ननि, डो॒हीड़नि जी गूंज हर घर में गूंजी। कंवरराम भग॒तुनि में राजा विक्रमादित्य, राजा हरीशचन्द्र, भग॒त दुरू, भग॒त प्रहलाद वग़ेरह जूं कथाऊं, गुरू ग्रन्थ साहिब जी ब॒ाणीअ सां गडु॒ भाग॒वत ऐं बि॒यनि धार्मिक ग्रन्थनि जा अनेक दृष्टांत पेश करे सत्य, अहिंसा, कौमी एकता, हिन्दू-मुस्लिम मेलाप, इंसानी प्रेम, मानवता, शान्ती, विश्व भाईचारे, नैतिकता, ऊच जीवन माणण, सादगीअ, सेवा, परोपकार, इंसानी धर्म, इंसानियत ऐं हिकजहिड़ाईअ जो सन्देश डि॒नो।

साईं कंवरराम राग॒ राग॒णियुनि में भग॒तियुनि में प्रभाती कोहयारी, आसा, तिलंग, दीन, मल्हार, सारंग, भेरवी, सोरठ, लहिणे, मारू वग़ेरह पेश कया।

मारू राग॒ अक्सर मौत वक्त ग॒ाइबो आहे। मांझांदनि में जडॆहि कंवर मारू राग॒ ग॒ातो, तदॆहिं हुन खे पुछियो वियो, "साईं, तव्हां मारू राग॒ छोथा ग॒ायो?" तडॆहिं हुन जवाब डि॒नो, "मनुष खे मौत जो डपु न करण घुरिजे, हुनखे मौत लाइ हरदम तैयार रहण घुरिजे। मरण में कोबि महिणो कोन्हे।"

कंवर सिन्धीअ सां गडु॒ पंजाबी ऐं सराइकीअ में बि ग॒ातो। छाकाणि त हू पंजाब ऐं सिन्ध जे सरहदी इलाइकनि में भग॒ति विझण वेन्दा हुआ। हुननि जे भग॒तियुनि में सिन्ध जे हिन्दू मुसलमान, मुल्तानी, पंजाबी वग़ेरह हाज़िर रहन्दा हुआ ऐं उन्हनि खे ध्यान में रखी कंवर कलाम, भज॒न, लोलियूं ग॒ाईन्दा हुआ। साईं सतरामदास सां गडु॒ जडॆहिं कंवरराम भग॒ति विझण वेन्दा हुआ, तडॆहिं भग॒ति जे मुहड़ में बीहन्दो हो साईं सतारामदास ऐं पान्द में बीहन्दो हो साईं कंवरराम। साईं कंवर सतरामदास

ऐं साज़ीन्दड़नि खे घुराए चयो हुआईं, "कंवर असांजी रूहानी अमानत अथव, उनखे साथ ड़िजो ऐं उनखे संभालिजो।"

साईं सतरामदास पंहिंजे टोलीअ जा ब़ोलड़िया, साज़ीन्दड़, संगीतकार, सारंगया, धोकड़ी, ढोलकिया, रबाबी ड़िना। जिन कंवर सां भगुतुनि में संग कयो।

जिन में मुख्य हुआ सर्व श्री भाई रामन राम, भाई सीताराम तलरेजा, भाई प्रेमाराम, भाई तिलोकराम, भाई सुखरामदास ऐं भाई कर्मूंराम (ब़ोलड़िया गायक)।

साज़ीन्दड़ हुआ: भाई पहलाजराइ (ड़ोकड़ी), अबन फ़कीर (सारंगयो), भाई दरयानोमल (ढोलकियो), भाई सभाग़ो (ढोलकियो) ऐं कालू फ़कीर।

इएं त कंवर ज़मन्दे ज़ाम हो। सोज़, मधुरता ऐं मेठाज सां भरपूर हो। संगीत जी ड़ात मिलयल हुअसि। हू जीअं जीअं ग़ाईन्दो हो, हुनजो आवाज़ वधीक बुलन्द ऐं मधुर थीन्दो वेन्दो हो। हू कड़हिं बि थकिजन्दा कोन हुआ। जीअं देर, तीअं हुननि जो आवाज़ वधीक मधुर, बुलन्द ऐं मनमोहक थीन्दो वेन्दो हो। ग़ाइण वक्त गायकनि जे पेशानीअ ते घुंज ऐं गले जे नसुनि में छिकताण पैदा थीन्दी आहे पर साईं कंवरराम जे पेशानीअ में ईश्वरी भगुतीअ जो प्रकाश, तेज तजला ड़ीन्दो हो। हू राग़ ग़ाइंण वक्त कन्धु हेठि झुकियल ऐं अखियूं बन्द रखन्दा हुआ। हू पंहिंजे दिलरुबा दिलदार खे रीझाइण लाइ मन रूपी मन्दर में तन रूपी तंबूरो वज़ाए आलाप आलापीन्दो हो ऐं संगीत में खोहिजी वेन्दो हो।

कंवर अखियूं पूरे ग़ाईन्दे-ग़ाईन्दे राग़ जे मस्तीअ में अची नचन्दा, झूमिरियूं हणन्दा हुआ, झूलन्दा ऐं झूमन्दा हुआ। हुननि खे संगीत जे मस्तीअ में आणीन्दो हो फतन मीरासी सारंगयो। हू सिन्धी सारंगीअ द्वारा राग़णियुनि जा अहिड़ा त नवां नवां सुर ऐं उन्हनि जूं नयूं तरजूं वज़ाईन्दो हो, जो कंवर साज़ जे वज्द में अची आलाप आलापीन्दो रहन्दो हो। अहिड़ो ई साईं कंवर जो हिक मशहूर ऐं मख़मूर कन्दड़ गीत आहे:

**"मां जिन लइ थी जाग़ां, उहे शाल ईन्दा,**
**मुबारकां मिड़ेई ड़िसण साण ड़ीन्दा,**
**जिन लइ थी जीअ में जायूं संवारियां,**
**अङण खे अखियुनि सां बुहारियां।"** (श्री राम कली)

साईं कन ते हथु रखी चवन्दो हो:

**भः** भावनि जो इज़हार, जुदा जुदा शरीरिक क्रियाउनि, चहिरे जे हावनि- भावनि, मुद्राउनि जे इज़हार द्वारा आनन्द मनोरंजन जी महसूसात कराइण।

**ग॒ः** गीतनि जे गायकीअ जी हिक ख़ास शैली सिन्धी लोक गीतनि, लोक कथाउनि खे भाव प्रधान बणाइण जो अन्दाज़, उत्साह, रचनात्मक भावनि जे इज़हार द्वारा हिक नईं आनन्द सृष्टि रचण।

**तः** ताल जंहिंमें लोक नृत्य, लोक संगीत ऐं लोक साज़ शामिल आहिनि।

याने त भग॒ति सिन्धी फ़न जो आला नमूनो हिक सत्संग, राग॒ जी महफ़िल, प्रभूअ जी उपासना, रूह जी राहत, सुधार वादी भावना ऐं विन्दुर जो बहतरीनि वसीलो आहे, जेका असांजे आला-तरीन तहज़ीब जा दर्शन कराए थी ऐं अयामनि खां वठी सिन्धु वासियुनि, सिन्ध जे दिलियुनि खे बाग़ बहार बणाईन्दी पिए रही आहे।

हिन लेख जो वास्तो 'भग॒ति' छा आहे, सां गडु॒ शहीद सन्त कंवरराम साहिबनि जे भग॒ति परम्परा सां पिण आहे।

इएं त सिन्ध हिन्द में अनेक लोकप्रिय, माहिर भग॒त थी गुज़रिया आहिनि पर भग॒तनि जा सरताज, अमर शहीद साईं कंवरराम साहिब जनि हुआ। सिन्धी भग॒ति याने साईं भग॒त कंवरराम साहिब। साईं कंवरराम साहिब सिन्धी कौम ऐं सिन्धी तहज़ीब जो हिकु॒ रोशन मिनार रहिया।

कंवर मुहबत जी सूरत, सिक जी शमउ, प्यार जो पुतलो, भग॒ती रस सां भरपूर लासानी गायक, निर्मोहक दरवेश, सचो आशिक, इलाही रूह में, रूहानी रहबर, समाज सुधारक ऐं महान कर्मयोगी हो। जंहिंजे आवाज़ में कशशि, जादू, लरज़श, रूहानी आवाज़ ऐं ईश्वरी आलाप हो। हू भग॒तनि जो भोतार ऐं संगीतकारनि जो सरदार, सिन्धी मौसीकीअ जो सम्राट, सिन्धियुनि जो तानसेन, सिन्धु जो बैजू बांवरो हो।

साईं कंवर जे छेरयुनि जी छिमकार, पायल जी झंकार, मिसरी माखीअ खां बि मिठो सुरु, आकाश सां टकर खाईन्दड़ आवाज़ अजु॒ बि सिन्ध जे गो॒ठ गो॒ठ, हर शहर में गूंजी रहियो आंहे। हुनजा गा॒तल गीत अजु॒ बि सिन्धियुनि, सिन्ध जे कननि में बु॒रनि, चित में चुरनि पिया था।

सन्त कंवरराम डु॒हरकीअ, समूरी सिन्ध जो महान, लोकप्रिय, सभिनी भग॒तनि जो महान श्रोमणी भग॒त हो। हू सिरमोर भग॒त हो। हुनजी भग॒ति बु॒धण लाइ डूं॒राहनि

कंवर गुरुद्वारनि ऐं गऊशालाउनि लाइ बि पैसा गडु कन्दो हो। हिक दफ़े बवाहलपुर में गऊशाला जे सहायता लाइ टोलीअ समेत भगत विझण वियो। चवन्दा आहिनि बवाहलपुर जी कुती बि सुर सां गाईन्दी आहे। उते कंवर गुरूअ जो ध्यान धरे अखियूं पूरे गाइण शुरू कयो त माण्हू दंग रहिजी विया।

गाईन्दो झोल में दान वठन्दो वियो। माण्हू मौज में अची विया। ज़ालुनि ज़ेवर लाहे डिना। गणप में पतो पियो त अरड़हां हज़ार रोकड़ ब सौ गूणियूं डारो, पंजाह तोला सोना ज़ेवर मिलिया। हीउ त हिकु मिसाल आहे। कंवर जिते बि वेन्दो हो, संदसि झोल भरिजी वेन्दी हुई ऐं कठी कयल रकम सुकृत जे कमनि में अन्धनि मंडनि मुहताजनि नियाणयुनि जे मदद में लगन्दी हुई।

तीर्थ जो लोक गीतनि वारो त हून्द सजो बाबु डियां पर देग जे हिक चांवर मां ई परख थी वेन्दी आहे त देग जा समूरा चांवर अञा कच्चा आहिनि या पची रधिजी रासि थी विया।

तीर्थ जे किताब खां बि अवलि 1943ई. में छपियल हीअ जीवनी मूंखे पोइ हथि आई, उनजे बयान बिना ही मक़ालो अधूरो रहिजी वेन्दो।

जीवन कथा- अमर शहीद सन्त कंवरराम साहिब

लेखक- तुलसी र. तलरेजा

मूंखे किताब जो बियों छापो साल 1965ई. में छपियल हथि आयो, जंहिं में 135 सुफ़्हा आहिनि। केतिरा नायाब चित्र आहिनि, जेके मौजूद हुजनि त कम्प्यूटर ज़रीए नएं-सिर तैयार कराइजनि। बिएं छापे में अटिकल सौ सुफ़्हनि में भाई पेसूराम साहिब जी जीवनी पिण शामिल आहे पर मां फ़कति भगत कंवरराम बाबति ई ज़िक्र कन्दयसि। किताब जा बाब आहिनि- 1. जन्म 2. कुमार अवस्था 3. विद्या 4. कुदरत जो चकर 5. विवाह 6. साईं सतरामदास साहिब जो देहान्त 7. बी चोट 8. नामार नैना दे तीर 9. राजनीतीअ जी काबिलियत 10. मेलनि जो मोर कंवर 11. भाई पेसूराम जो विवाह 12. बलीदान 13. भगती ऐं एकता 14. त्याग 15. सादगी 16. उदारता 17. खिम्या।

लगे थो तीर्थ खे हीअ जीवनी हथि न लगी आ, न त ज़िक्रु अवसि करे हा। फोटुनि सां गडु हुन में खुदि ई लेखक पंहिंजा गीत बि लिखिया आहिनि ऐं बिया मिसाल बि झझा डिना अथसि। किन पैराउनि में सागी भाषा अजब में विझी छडे थी। सुफ़्ह 8-9 ।

बोलीअ में साहित्यिक हुगाउ आहे, रवानी आहे, शीरीनी आहे पर सभ ख

को विरलो जुमे ऐं जे जुमे थो त उन खे झोल में विझो घुमां। छाकाणि त लोकनि खे पंहिंजा ई घणा आहिनि, जंहिंकरे मुंहिंजे बार खे पुचकारण जी ज़रूरत ई कान अथसि। पर हिक दफ़े अहिड़ो सुहिणो सुलछिणो पुट जुणियुमि जो अलाजे कीअं माण्हुनि खे वणी वियो। ड्रिठुमि त हरिको पियो चुमेसि, चटेसि, बल्कि मुंहिंजे मोकल बिना पंहिंजे गोद में खंयो घुमाएसि। उहो नूरचिश्म हो कंवर, जंहिं ते मज़मून संदसि शहादत खां बि टे महिना पोइ लिखियो होमि ऐं सिन्धू में शायइ कयो होमि। तंहिं पुजाणां अण गुणियूं चौपड़ियूं निकतियूं आहिनि, जिन में किन उन्हीअ बुच्चे खे गुभा गुभा करे पंहिंजो बोड़ तैयार कयो आहे त किन उन खे काढ़े शोरवो ठाहियो आहे। अजब नाहे जो उहे दम पुख़्त ऐं शोरवो मूंखे भांइं न पवन्दा हुजनि, भला माउ कीअं पंहिंजे बुच्चे जो पचणु खामण सही सघन्दी। आंऊं का माटेली माउ कान हुईमांसि, जो चवां मारियो मुओ भलो आहे।''

14 बाब आहिनि- 1. प्रकाशक 2. मुहागु 3. जनम साखी 4. स्वामी सतरामदास 5. किशोर अवस्था 6. भगुती मार्ग 7. वचन पालना 8. नम्रता 9. कृत कार 10. जीवन सिख्या 11. लोक गीत 12. कलम ताज़ो 13. देवस्था पुरुष 14. रिकार्ड।

सचु पचु तीर्थ जे कंवर जो जेको सुफ़्हो खोल, जेका पैरा पढ़ु, अन्दर खे अनोखो आनन्द अत्ता थियो वञे। बुधो के मिसाल-

**कोहर विकणणु-** किशोर अवस्था में कंवर कोहर बि विकणन्दो हो ऐं कड्रहिं माणसि पकोड़ा तरे विकरे लाइ पिण ड्रीन्दी हुअसि। कंवर कोहर विकणन्दे होका ड्रीन्दो हो-

**चणा वठो मुंहिंजा लाल, खाई थियो ख़ुशहाल,**
**आहे लाशक उम्दो माल, चणा चोरगरम प्यारा।**

होको ड्रीन्दे अचानक गले मां को ड्रोहीड़ो या कलाम बि वही वेन्दो होसि। संदसि बोल अहिड़ो त सबाझो ऐं आवाज़ सुरीलो हो, जो माताऊं फुलको अधु वेलियल चकले ते छड्रे ऐं कन्याऊं भर्त सुई सगे सां अटिकियल खणी बाहिरिएं दर जे चांउठ वटि बीही खेसि तकीन्दियूं हुयूं ऐं बालक डुमक डुमक कन्दा, थिड़न्दा थाबिड़न्दा, मिट्टीअ में रेढ़ियूं पाईन्दा ऐं के ख़ुशीअ मां ठेंग ड्रीन्दा नचन्दा टपन्दा वटिसि झुरमट लगाए बीहन्दा हुआ। संदसि जेड्रा सरता त झुमिरियूं पाए कन ते हथ रखी अहिल पिण कन्दा हुआ ऐं पाउ पलक में खोमचो ख़ाली थी वेन्दो हो। अहिड़ो हो तासीर किशोर कंवर जे आलाप में, जंहिं नर नारी, बार बुढा, लम्बू लंघा, मीर पीर मस्त करे विधा। कंवर हो अत्ताई जो बिना जाण वियो थे वाउखी

हड्डियूं भासन्दी। मतिलब वास्तेदार शख़्स ऐं जीवनी कार जी अनोखी शख़्सियत में जेके रंग तरंग वास धूप आहिनि, से निकरी निरवार थियनि। जीवनी हिक उम्दे बाग़ मिसलि थी पवे, जंहिंजे तरतीब वार पोखियल बूटनि में भांत भांत जा गुल टिड़नि, पन झुलनि, फूहारा नचनि, सावकूं बहिकनि, पखी लंवनि, जवान खिलनि ऐं बुढा विश्राम वठनि। भुले भुलाए बि इहो सुन्दर बाग़ पशु शाला न बणिजे।"

मथियूं ख़ूबियूं रवाजी जीवनियुनि में नज़र अचण जो सुवाल ई कोन्हे।

भेरूमल महरचन्द आडवाणीअ "सिन्ध ऐं सिन्धी" किताब जे आख़रीनि बाब में भाई कंवरराम जे भगति ते मज़मून लिखियो आहे, जेको आगस्ट 1946 में सिन्ध में छपियो। उनमें भगति जी झलक ई आहे, पेशकश वणन्दड़ आहे। द्वारकादास सन्ताणीअ जे सिन्धु संस्कृतीअ जे सुगन्धि में "कंवरराम जीअं मूं डिठो" सिरे सां मज़्मून में शहीदीअ वारी घटना सां मज़्मून शुरू कयल आहे ऐं कंवर बेताज बादशाह, एकता जो अम्लबरदार, अवामी भगत वग़ैरह गुणनि जो ज़िक्र कयो अथसि। पर जेके सच्चायूं अखियुनि डिठियूं ग़ाल्हियूं सन्ताणीअ लिखियूं आहिनि, से सचु पचु जोगो ध्यान छिकाईनि थियूं। अठनि सुफ़्हनि जो ही मज़मून जीवनी साहित्य में इज़ाफ़ो आहे।

कुझ किताबनि बाबति ज़ाण अथमि, पढ़ियल बि आहिनि, पर हिन वक्त उहे मूंखे बावजूद घणी कोशिश जे न मिली सघिया, बेशक उहे जीवनी साहित्य में इज़ाफ़ो आहिनि।

(1) जनम साखी सन्त कंवरराम साहिब जी-(तियार कयल: उत्तमचन्द शास्त्री)

(2) अमर शहीद सन्त कंवरराम - (प्रिन्सीपाल कन्हैयालाल तलरेजा)

(3) सिन्ध जूं यादगीरियूं (गुलाब गिदवाणी)

(4) अमर शहीद भगत कंवरराम साहिब जो जीवन चरित्र (लेखक - जेठानन्द लालवाणी)

डॉक्टर जेठी लालवाणीअ जे सिन्धी भगत शैली नाले किताब में खोजनात्मक ज़ाण आम फ़हम बोलीअ में डिनल आहे। वरी किताब हिन्दीअ में हुजण करे असांजी नई टही तोड़े ग़ैर सिन्धी हिन किताब जे मदद सां भगति ऐं सन्त कंवरराम बाबति ज़ाण हासिल करे फ़ख़ुरु महसूसे सघनि था। सिपूं रसाले (21) में भगति ते थियल कौमी सेमीनार में पेश कयल मकाला शामिल आहिनि, जेके पिण बेहद आलिमाणे ढंग सां पेश कयल आहिनि। हकीकत में उन्हनि जो पिण हिन्दी तरिजमो करे अवाम आडो आणण घुरिजनि।

सखर में गांधीअ जे अचण ते सभा में डाढो गोड़ हो, नेताउनि जे अपीलुनि जो बि असर न थियो, तडहिं कंवर जो जादू हींअं थियो-

**कंवरराम जीअं साम्हूं आयो**
**ऐं हुन मिठड़े सुर में गायो,**
**खिन में जणु को जादू थी वियो**
**गोड़ समूरो ग़ाइब थी वियो।**

गुरू ग्रन्थ साहिब जे आरतीअ जी झलक हिननि सिटुनि में आहे-

**सिज चण्ड रूपी डिसु डीआ उभ थाल्ह में,**
**शब रोज़ थीन्दी थी रहे हीअ आरती।**

घायल न रुगो कंवर बाबति पर कंवर जा गातल गीत कलाम बि सुहिणे नमूने महाकाव्य में ठहिकाया आहिनि, जीअं नाले अलख जे लोली डेवां निके जहिड़े बाल नूं वग़ेरह।

**कंवर त हो हिक ज़िन्दह संस्था**
**छा संदसि कमनि जी कजे कथा**
**मधुर कण्ठ जो हो मालिक मगर धणीअ दर हो सालिक।**

\- - -

**सजीअ सिन्ध में जो मातम थियो उनजो मिसाल कोन्हें को बियो**
**बार बुढा सभु नर ऐं नारियूं, रुना दर्द मां ज़ारूं ज़ारूं।**

\- - -

**अमर शहीद हुओ कंवरराम, मेला जंहिं ते लगनि था जाम,**
**शल थोरो कुझ खणी कंवर मां, पार पऊं पक जगत भंवर मां।**

मथियनि मिसालनि मां तव्हां बख़ूबी अन्दाज़ो लगाए सघो था त रूप कुमार घायल ही महाकाव्य रचे न रुगो कंवरराम खे सच्ची श्रद्धांजली डिनी आहे, पर सिन्धी साहित्य में बि हिक तरफ़ महाकाव्य सुन्फ़ सलामत रखण जो उदम कयो आहे। बिए तरफ़ सिन्धियत काइम रखण जो फ़र्ज़ निभाए मातृ भाषा जो कर्ज़ चुकायो अथसि। मां न संभिरां त कंहिं बिए कवीअ महाकाव्य त छडियो को खण्ड काव्य ई लिखियो हुजे। ज़रूरत आहे हुनखे नृत्य नाटिका जो रूप डेई मंच ते पेश करे अवाम में मकबूल करण जी। गोरधन भारती सरगरम हुजे हा त उहो उदम अवसि करे हा। शल मुंहिंजो ही सडु पड़ाडो बणिजी कलाकारनि ताईं पहुचे। सन्त कंवरराम खे नईं टहीअ ताईं बि पहुचाए ऐं प्यारो बणाए।

6. **छहीं रात जो छिकजी, हलियो रहड़कीअ में राणो,**
**वसण साईंअ जे वर्सीअ ते, सम्भारियो सोढल सियाणो,**
**बस गोली हणी घोट खे, कयो घायल घराणो,**
**गाड़ो भरिजी वियो रत सां, सजो हन्धु विहाणो।**

7. **सतीं रात सन्त खे, खणी सखर में आया,**
**दर्शन ख़ातिर दिलदार जो कएं आलिम आया।**

प्रोफेसर राम पंजवाणी त पाण भगत कंवर बणिजी पीली पगिड़ी- जामो पाए छेर छिमकाए, जडहिं वर्सीअ ते अची प्रोग्राम डीन्दो हो त मथिसि माण्हू मफ़्तूं थी पवन्दा हुआ। गाइक कलाकारनि सां गडु हू कवि ऐं लेखक बि हो। संदसि हिक रचना जो मिसाल डियां थी।

**सिन्धुड़ीअ जा ओ सन्त सूंहारा कंवरराम प्यारा,**
**हरहंधि तुंहिंजा मेला लगनि था, पीली पगड़ीअ वारा,**
**मिठड़ा मिठड़ा राग तो गाए, रांवल खे रीझायो,**
**यार कंवर तुंहिंजा बोल बुधण लाइ, हरिको भजन्दो आयो,**
**इश्क सन्दो आवाज़ इलाही बिरह सन्दा वस्कारा,**
**आहे सभ में सागियो साजन, सिक सां तो समुझायो,**
**ऊच नीच जो भेद भुलाए, सभ खे गले लगायो,**
**तुंहिंजो नींहुं न्यारो जग में, तुंहिंजा रंग न्यारा।**

कविता में सभ खां अहम किताब जंहिं डांहुं सिन्धी जातीअ जोगो ध्यान न डिनो आहे, सो आहे रूप कुमार घायल जो महाकाव्य ''लाखीणो लाल'' जंहिं में सजी जीवनी कविता में रचियल आहे। सिन्धीअ में महाकाव्य लिखन्दड़ हीउ ई कवि आहे, जंहिंखे हिन्दीअ में बि महारत ऐं तइलीमी लियाकत करे नेम मइलूम आहिनि। पंज छह महाकाव्य लिखिया अथसि। मज़्कूर किताब महाकाव्य में कुल 81 सुफ़ह आहिनि। 1994 ई. में छपियल हिन किताब ते आलिमनि बि साराह जूं सुरकियूं भरयूं आहिनि। हिन में बारहं बाब आहिनि- अवलि 1. (अ) अर्पण (ब) निवेदन (स) वन्दन 2. बचपन ऐं जवानी 3. गुरू भगती 4. कंवर कलावन्त 5. लोक गायक 6. परमार्थी 7. दासन जो दास 8. एकता जो हामी 9. शाही संस्था 10. लाखीणो लाल 11. पहुतल शख़्स 12. अमर शहीद।

घायल साहिब महाकाव्य जूं जेके 10 ख़सूसियतूं बुधायूं आहिनि, से हिन में मौजूद आहिनि, जीअं-

साईं सतराम जे सुर्गवास थियण ते लिखे थो-

**कहिरी काल अचानक आयो, खणी सन्त बि सीस निवायो,**
**वियो पंहिंजो पाण समाए कीन बुधाए,**
**सुहिणो शेरु भगत जुंग जानी, जंहिंजो मटु न बियो को सानी,**
**अहिड़ो केरु बुलन्द बियो गाए साज़ मिलाए।**

तुलसिये जीवनीअ में 13 गीत रचिया आहिनि, कविता जो अभ्यास अथसि, छन्द जी ज़ाण अथसि। घायल वांगुरु तुलसियो बि कंवर में एतिरो एकाकार हो जो कोशिश करे हा त महाकाव्य लिखण में बि कामयाब वञे हा।

केतिरो ग़म भरियल मन्ज़र जो डियारीअ जे डीअनि वारे डिण सिन्धियुनि खे ख़ूनी होलीअ जो दर्दी नज़ारो डिसण लाइ मजबूर कयो। सिन्धियुनि जे सीने ते इहो ज़ख़्म अजु बि ताज़ो आहे। साल 2004 में सिन्धियुनि सिन्ध में आन्दोलन कयो त रुक स्टेशन जो नालो बदिलाए भगत कंवर रखियो वञे। वर्सीअ जे मोके ते हज़ारें माण्हू अची गाहट थिया। असां सभु ज़ाणूं था त हर साल कंवर जे मेले ते हर शहर में गाइणा फिल्मी तर्ज़नि ते गीत जोड़े गाईन्दा आहिनि।

**जेठानन्द गुल जो "छम छम करे तूं साईं**
**बे बका जो ओ सिन्धुड़ीअ जा सरदार कंवर**
**ओ जर वारनि जा जानिब कंवर।"**

साध मोतीराम साइल जा-

**सिन्धुड़ीअ जो सरदार कंवर वियो रास रचाए।**
**ऐं**
**सदिके सदिके यार कंवर तां छोन वञां बलहार कंवर तां**
**क़ांगा दिजां कंवर खे पैग़ाम रोई रोई।**

भगत परमानन्द जो-

**असांजो कंवर भगत अवतार आ, जंहिंजो बार बुढे सां प्यार आ**
**कहिड़ी महिमा करियां दरवेश जी, सारी सिन्धुड़ीअ जो सरदार आ**
**मूंखे तारीन्दो तारण वारो, मुंहिंजो साईं कंवरराम प्यारो।**

जहिड़ा झझा गीत मिलन्दा।

**नज़्म**

इहो हिकु अजब में विझन्दड़ सचु आहे त दुनिया जे हरहिक बोलीअ जे अदब जी शुरूआति शइर सां थी आहे। छाकाणि त शाइरी अन्दर जे छोह मां पैदा थिए थी बेवस जे-

"अन्दरियों जे उछल डीन्दो, बाहिरियों न सट झलीन्दो" मिसल। इन हिसाब सां कंहिंजे साराह में, विछोड़े जे ग़म में लिखियल रचनाउनि जो रवाजी तरह साहित्यिक मय्यार बि रवाजी समुझियो वेन्दो आहे। उन्हनि में आलिमगीरी, लाज़मान, लामकान वारी ख़ूबीअ जी उम्मेद घटि रखी वेन्दी आहे। पर के शख़सियतूं रचनाकार जे दिल दिमाग़ में एतिरो वल्वलो पैदा कनि जो हू वास्तेदार शख़्सियत सां एकाकार थी वञे। संदसि कलम ख़ुदि बि ख़ुदि किल्करानी करे त उहे सुठियूं साहित्यिक रचनाऊं बणिजी पवन्दियूं आहिनि। मूं छण्डछाण कन्दे डिठो त अजु जे मशहूर साहित्यकारनि भगत कंवर ते कलम लगभग न हलायो आहे, जेतोणीक कंहिं कौम लाइ इहा गाल्हि डुखोईन्दड़ ई चइबी। कंवर जहिड़ी शख़्सियत जेकडहिं फ़नकार खे लोड़े नथी, त सचु पचु "असां मरी ऐं मिटिजी बि मुल्हु न सुञातो" खे साभ्यां कन्दासीं। पर इहो डिसी फ़ख़ुर गाडिड़ ख़ुशी थी त सिन्धी कविता जे नएं दौर जे बानी कवि बेवस कंवर जे शहादत ते करुण रस सां भरपूर कविता लिखी आहे।

**कतलाम कंवर राम जे मातम मचायो, आराम फिटायो**
**छा सिन्ध में छा हिन्द में जोलान जगायो, आराम फिटायो**
**जंहिं रुक जे जंक्शन खे कतल गाह बणायो ऐं पाण छुपायो**
**तंहिंजे बि गुझारत ते ज़रा ध्यान लगायो, आराम फिटायो**
**हिन सन्त जो हो वेर ऐं विंजोग न कंहिं सां, हथ जोड़ मिड़यनि सां**
**हो राम ऐं रहमान बिन्हीं जो हू उपायो, आराम फिटायो**
**भगतियुनि में भरे झोल ग़रीबनि खे दिनाईं ज़ातियूं न डिठाईं**
**हिन्दू ऐं मुसलमान जो हिन भेद भुलायो, आराम फिटायो।**

कविता में बेवस जी सुजागु अखि, संवेदना, सामाजिक वास्तेदारी साभियां थी बीठी आहे।

सागी गाल्हि परसराम ज़िया जे हिन नज़्म में मौजूद आहे, जंहिं में अर्श फ़र्श ते आहूं दांहूं थियण, अबलाउनि जूं आलियूं अखियूं, विधवाउनि जा विलाप, लखनि हज़ारनि कुल्हनि ते कंवर जो सरीर हुजण जहिड़ा मन्ज़र साभियां बणिया आहिनि।

मक़ालो पेश कयो, जंहिं में सन्त कंवरराम जे जीवन जा बाब निहायत ई दिलचस्प नमूने पेश कया। नंढपुणि खां शहादत ताईं हिनजे जीवनीअ बाबति मक़ाले में हर घुरबल ज़ाण ड़िनल हुई। श्री लच्छमण केसवाणीअ कार्रवाई हलाईन्दे वीना श्रंगीअ जे साहित्क ऐं कला क्षेत्र में कयल कार्य जी ज़ाण ड़िनी। उथियल बहस में वीना श्रंगीअ सभिनी खे सुठी ज़ाण ड़िनी। सदारत कन्दे श्री टीकम आफ़ताब पेपर जे मय्यारी ऐं हलन्दड़ बहस लाइ ख़ुशी ज़ाहिर कई।

**सेमीनार जी टीं बैठक** में डॉक्टर ज़ेठो लालवाणीअ जो लिखियल "सन्त कंवरराम ऐं भग़त" विषय ते मक़ालो हिनजे न अचण सबबु श्री पदम शर्मा पेश कयो। मक़ाले में भग़ति जी टेकनीक ऐं सन्त कंवरराम जो भग़त सां निभाइण, भग़ति जी परम्परा काइम रखण लाइ मुकम्मल ज़ाण ड़िनी। कार्रवाई गोरधन शर्मा हलाईन्दे, डॉक्टर ज़ेठो लालवाणीअ जी ज़ाण ड़िनी। बैठक जी सदारत कन्दड़ श्री द्वारके सन्ताणीअ पढ़ियल पेपर बाबति पंहिंजा राया पेश कया।

**चोथीं साहित्यिक बैठक** में श्री सरल ज्ञाप्रटे हिन्द में सन्त कंवरराम जा यादगार विषय ते पेपर पढ़न्दे बुधायो त सन्त कंवरराम जे नाले हिन्दुस्तान जे घणनि ई प्रान्तनि में कॉलोनियूं, स्कूल, कॉलेज, धर्मशालाऊं, प्याऊ ऐं पुतलनि जी ज़ाण ड़ीन्दे बुधायो त सभ खां मथे सन्त कंवरराम लाइ कार्य कन्दड़ संस्थाऊं, लखनऊ जे अमर शहीद सन्त कंवरराम मिशन सां जुड़ियल आहिनि। कार्रवाई हलाईन्दे श्री टेकचन्द मस्त श्री सरल ज्ञाप्रटे तरफ़ां साहित अकाडमी, पत्रकारिता ऐं मिशन सां जुड़ियल कार्य जी ज़ाण ड़िनी। सदारत कन्दे साईं मोहनलाल सभिनी आयलनि ते आसीस जी वर्खा कई।

सन्त कंवरराम जे जीवन ऐं कार्य जी ज़ाण संस्थाउनि, पंचायतुनि, स्कूलनि, कॉलेजनि ऐं लैबररियुनि ज़रीए प्रचार करण लाइ सन्त श्रोमणी साईं मोहनलाल खे अर्ज़ कयो वियो त सेमीनार में पढ़ियल मक़ाला ऐं रिपोर्ट अमर शहीद सन्त कंवरराम मिशन तरफ़ां छपाया वञनि। साईं मोहनलाल इहो अर्ज़ कबूल कन्दे चयो त इहे मक़ाला छपाया वेन्दा। शाम जो पूज पंचायत वाराणसी पारां गंगा नदीअ में ब़ेड़ीअ जे सैर जो प्रोग्राम रिथियो वियो। गंगा माता जे आरतीअ में सभिनी खे शरीक कयो वियो। टिन ड़ींहंनि जो हीउ सन्त कंवरराम साहिब ते थियल सेमीनार हद कामियाब वियो ऐं यादगार थी रहन्दो।

गोकलाणी, सर्व श्री पदम शर्मा, सरल ज्ञाप्रटे ऐं सभा जे सेक्रेट्री जनरल टेकचन्द मस्त सां गडु पूज सिन्धी सेन्ट्रल पंचायत जो प्रेज़ीडन्ट श्री एस. कुमार, सेक्रेट्री श्री रमेश लालवाणी, एम.एल.सी. श्री मोहनलाल खटर बि स्टेज ते बिराजमान थिया। मुहूर्ती इजलास जी कार्रवाई हलाईन्दे सेमीनार जे कनवीनर विशनलाल रूपाणी, स्टेज ते वेठलनि जी वाकफ़ियत डिनी। साईं कंवरराम जे आदम कद मूर्त अगियां साईं मोहनलाल ऐं महिमाननि जोत जगाई। कार्रवाई हलाईन्दे श्री विशनलाल रूपाणी, अखिल भारत सिन्धी बोली ऐं साहित प्रचार सभा तरफ़ां, अखिल भारत सतह ते सन्त कंवरराम साहिब ते पहिरियों दफ़ो सेमीनार करण लाइ चयो त हीउ सन्त कंवरराम ते थीन्दड़ सेमीनार हिन जे जीवन ऐं कार्य खे आम अगियां आणण लाइ अहिमियत भरियो कदम आहे। हिन सभा तरफ़ां साहित, बोली, तइलीम ऐं कला जे ख़ातिर वरितल कोशिशुनि जी साराह कई। पंचायत जे बानीकारनि तरफ़ां स्टेज ते वेठल महिमाननि जो सन्मान गुलनि जे हारनि ऐं शालुनि सां कयो वियो। आयल डेलीगेटनि जो स्वागत गुलनि जे हारनि, मोमेन्टो ऐं सूखड़ियुनि सां कयो वियो। मोके जी सदर डॉक्टर कमला गोकलाणीअ सभा तरफ़ां गुज़रियल 20 सालनि जे कार्यनि ते रोशनी विझन्दे चयो त सभा, साहित, तइलीम ऐं कला सां गडु अनोखनि ऐं अलोहदनि विषयनि ते बि सेमीनार करे रही आहे। उज्जैन में सन्त साहित्य ते, वृन्दावन में श्री कृष्ण भगुवान जो सिन्धी साहित में ज़िक्र ऐं हाणे सन्त कंवरराम ते अखिल भारत सतह ते सेमीनार करे साहित क्षेत्र में नवाणि आन्दी आहे। मुहूर्ती इजिलास में मुख्य महिमान दादा रोचीराम थावाणी, श्री सरल ज्ञाप्रटे, श्री लाल थधाणी, नन्दलाल सचदेव, मोहनलाल खटर, सन्त कंवरराम ऐं सभा जे कार्य ते पंहिंजा वीचार पेश कया। सन्त श्रोमणी साईं मोहनलाल सेमीनार जे कामयाबीअ लाइ आसीस कन्दे चयो त सन्त कंवरराम जे जीवनी ऐं कार्य खे माण्हुनि ताईं पहुचाइण लाइ कोशिशूं वठण ज़रूरी आहिनि। सभा जे सेक्रेट्री जनरल टेकचन्द मस्त पूज सिन्धी सेन्ट्रल पंचायत जे बानीकारनि तरफ़ां महिमान नवाज़ी, रिथाइते बन्दोबस्त, आयल सभिनी डेलीगेटनि जे सन्मान लाइ शुक्राना मञिया। हिन आयल साहित्यकारनि पत्रकारनि, दूरदर्शन जे बानीक़ारनि ऐं हिन्दी पत्रकारनि जा बि शुक्राना मञिया जिनि मुहूर्ती इजिलास जे कार्रवाईअ जी रिकार्डिंग कई ऐं अख़बारुनि लाइ ख़बरू ऐं इन्टरव्यू वरिता।

**पहिरीं साहित्क बैठक** में डॉक्टर कमला गोकलाणीअ "सिन्धी साहि[illegible] में सन्त कंवरराम जो ज़िक्र" विषय ते खोजनात्मक मक़ालो पेश कयो, जंहिं [illegible]

# Sant Kanwarram in Sindhi Literature

40 Nation Seminar by:

**Akhil Bharat Sindhi Boli & Sahit Prachar Sabha**

**Flat 301, Shilpa Apartment, Section 18**
**Ulhas Nagar-421003**
**Mob: 09422683946**

**Published by:**

**Amar Shahid Sant Kanwarram Mission**

**Shiv Shanti, Sant Assudaram Ashram**
**V.I.P. Road, Alam Bagh, LUCKNOW (U.P.)**
**Ph: 2457573**
**E-mail: ssaol@silfy.com**

**Scholarly Papers by:**

***Dr. Kamla Goklani***

***Dr. Jetho Lalwani***

***Miss Veena Shirangi***

***Shri Gyan Prakash Tekchandani 'Saral'***